شاعري

# اُداسي



سندو پيرزادو

سنڌو پيرزادو

# اُداسي

ريڪائون پبليڪيشن ڪراچي
2017

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب: اُداسي
ليکڪا: سنڌو پيرزادو
موضوع: شاعري
ڇاپو پهريون: نومبر 2017
ٽائيٽل ڊزائين: مرتضيٰ لغاري
ڇپيندڙ: ريکائون پبليڪيشن ڪراچي
قيمت: 200 رپيه
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

*All rights reserved*

Book : Udasy
AUTHOR : Sindhu Pirzado
Content : Poetry
First Edition : November 2017
Title Design : Murteza Laghari
Publisher : Rekhaoon Publication Karachi
Price : 200 Rs
**Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.**

ماهوار سنڌي ريکائون ڪراچي
E-15 الشمس ڪومپليڪس
جوهر موڙ ڪراچي
03337551931

## ارپنا

پنهنجي بابا

# عبدالستار پيرزادي

جي نانءُ

# سٽاءُ

مُهاڳ....................................روبينہ ابڙو09
آس پاس رهندڙ شاعري.......................امداد حسيني 22
پنهنجي پاران...............................سنٽو پيرزادو28

اُداسي ياد جي چادر(غزل)..................................... 41
ڏُنڏآ مگر گهرو(نظم)...........................................42
ڊسمبر جو سانيٽ...............................................44
گوري ڇو شرمائين ٿي(گيت)...................................45
اسان جو ڳوٺ وارو گهر(نظم)...................................47
اسان جي ذات ساري(غزل).....................................50
اکڙيون تاسيون تاسيون تو لئہ(دهري).........................51
Labor day (نثري نظم)...........................................52
ٿر جو نوح(نظم).................................................53
ڇو موسم سرد آهي(غزل).....................................55
اسان جي زندگي تہ بس(غزل)..................................56
ڇڻ تہ سمندر کو گونجي ٿو(وائي)...........................57
هي سال پي هليو ويو(نظم)...................................58
اڄ اُداس آهيان مان(نظم).....................................60
جدائيءَ جي طويل رات(نثري نظم)...........................62
صبح جو ستارو(نظم)...........................................63

پئي آ بارش ڪچي اگڻ تي(غزل)......................... 64
تنهنجي پار ڏي منهنجا پرين(غزل)..................... 65
اسٽوپا جو جادو(گيت).......................................... 66
تون ڪٿي آهين پرين(وائي)................................ 68
پٿر جو شهر(نظم).................................................. 69
وڪري ويل نظم(نثري نظم)................................. 71
اُداسي(نظم)............................................................ 72
آزاديءَ جو سپنو(نظم)............................................ 73
تو بن.....(گيت)........................................................ 75
حسن جو اهڃاڻ آهين(غزل)................................. 77
هي سَمو ڄڻ سارَ وانگر(نظم)............................. 78
اکين جو ٺار هئي(غزل)....................................... 79
نہ هجر هجر ۾، نہ ڪو(غزل)................................. 80
محبت باهہ جهڙي آ(سانيٽ)................................ 81
تون مون کي ايئن وڻندو آهين(نثري نظم)............ 82
هوائون گيت ڳائن ٿيون(وائي).......................... 84
ٿڌڙي ٿڌڙي هير لڳي پئي(وائي)....................... 85
بي ربط روشني(نثري نظم).................................. 86
پرندڙ اکيون(نثري نظم)....................................... 87
وهن ٿا ڪي حسين جهرڻا(غزل)......................... 89
هي دل اي هرجائي(غزل)...................................... 90
روسامو(ڇهہ سٽو)................................................ 91
هي موسم جي ماٺار الا!(گيت).............................. 92

اسان جي ديس جو شاعر(نظم)....................................93
تنهائي ڇڻ سنگتياڻي آ(وائي) ......................................95
ساٿ ڇڏي وئين سپرين(وائي)........................................96
ويراني(نظم)...................................................................97
ڏيئا ڏيئا رات(نظم)..........................................................98
ياد جا آوارا بادل(آزاد نظم)..........................................100
اوهان جي پيار جو جادو(غزل).......................................102
صدين کان ساز کي جهيڙا(غزل)....................................103
خوشيون خوشبُوءِ وانگر مهڪيون(دُهري)..........................104
دُور کان ڪڪريون اچن ٿيون(سانيٽ)..............................105
ڪجھ يادون.....(نثري نظم).............................................106
سردخانو(نظم)..............................................................107
پيار جي دل تي وري بارش(غزل)....................................109
خوشبوءِ سارا دڳ(وائي).................................................110
ڪنهن حسين خيال، خواب جهڙو آ(غزل)..........................111
ٻوڏ (آزاد نظم).............................................................112
روئي ٻہ نہ ٿا سگهئون(نثري نظم)...................................113
وڏو اڱڻ (نثري نظم)......................................................114
گيت ڪوئي ڳائڻ لاءِ(غزل)............................................115
اڄ تنهنجو چاليهو آهي(نثري نظم)...................................116
نہ ڪو ٻہ هوش رهيو (غزل)...........................................118
موسم کي انگڙائي آهي(غزل)..........................................119
اکيون اُداس هوا جون(غزل)...........................................120

ڪجهہ تہ تو ۾ رهيو غضب آهي(غزل).................121
ٽڏڙي ٽڏڙي هيرَ هُري پئي(وائي).........................122
موٽي مُندَ بهار جي(وائي).....................................123
زندگي تو سوا پر اڌوري رهي(غزل).....................124
منهنجا ننڍڙا سونو(گيت)......................................125
شام جا پنج (آزاد نظم).......................................127
سانجهيءَ جي هن ويل(وائي)...............................129
زندگيءَ ۾ قرار چاهيان ٿي(غزل)..........................130
تون چانڊوڪين کي چاهيندڙ(گيت).......................131
منهنجي نيڻن ۾ پرين جو(غزل)............................133
اسان اڄ بہ ڳوڻاٽا آهيون(نثري نظم)....................134
منهنجي ماءُ(نثري نظم).......................................136
Life is still going (نثري نظم)...............................137
هيءَ حسين شام جا وري آئي(غزل)........................138
راهہ تنهنجي ئي بس نهاري آ(غزل).......................139
زندگي ڇڻ تہ خواب سمجهان ٿي(غزل)...................140
تو لئہ سڀ سينگار(گيت).....................................141
خواب ۽ حقيقت(نثري نظم)..................................143
بهار جي مُند(نثري نظم)......................................144

## مهاڳ

### شاعري سنڌوءَ جي روح مان ڦُٽي ٿي.

فنونِ لطيفہ ۾ شاعريءَ کي مٿانهون مقام حاصل آهي. اسان جي سماج اندر شروع کان وٺي شاعر کي انتهائي احترام واري نظر سان ڏٺو ويندو آهي. ڪي ماڻهو شاعرن کي خدا جو شاگرد سڏيندا آهن، تہ وري ڪي پيغمبر ڪوٺيندا آهن. مرداڻي سماج هٿان ڪري اسان وٽ مرد شاعرن کي تہ سولائيءَ سان پنهنجي فن جي ڪمال جا جوهر ڏيکارڻ جو موقعو ميسر هجي ٿو، پر اتي ئي عورت کي پنهنجي اندر جا جذبا شاعريءَ وسيلي اظهارڻ تي تمام گهڻو پوڄڻو پيو آهي. شرم، حياءُ ۽ حجاب جو ڪُوڙو دائرو هميشہ عورت جي اظهار جي آواز کي پنهنجي اندر قيد ڪندو آيو آهي. ڪيتريون ئي عورتون هونديون جن جي من ۾ ڏات ڏنگ هڻندي هوندي، پر انهن جي آهہ بہ شعر جو روپ وٺي عام ٿيڻ کان وانجهيل ۽ دٻيل رهجي ويندي هوندي، جو تہ سندن چپ رسمن، روايتن ۽ غيرتن جي ڌاڳن سان سبيل هوندا آهن. جيڪڏهن ڪجهہ عورتون پنهنجي اندر جي اور ڪاغرتي آڻڻ ۾ سوپاريون بہ ٿينديون آهن تہ انهن جو ڪلام عام ناهي ٿي سگهندو جو انهن جا مالڪ (مرد) پنهنجي انائن جي خول ۾ ايترا تہ قيد هوندا آهن، جو پلجان اهي پاڻ بہ سخن شناس ڇو نہ هجن پڙهيل لکيل، دانشور، شاعر ۽ اديب ڇو نہ هجن پر اهي ڪڏهن بہ ناهن چاهيندا تہ سندن ڪنهن عورت جي ڪوتائن جو ڪتاب ڇپجي، يا انهن جي شاعري ڪنهن رسالي يا اخبار جي زينت بڻجي... پر جي ڪا عورت شاعره پنهنجون ڪوتائون عام ڪرڻ ۾ سوپاري بہ ٿيندي آهي، تہ ڪيس لکڻ ۽ ڇپجڻ جي اجازت بہ ملي ويندي آهي تہ پوءِ اها اجازت بہ مشروط هوندي آهي، اهڙن شرطن سان جيڪي مرداڻي سماج پاڻمرادو طئي ڪري رکيا هوندا آهن. اهڙا شرط جن لاءِ

عورت کي ٻڌائڻ يا سمجهائڻ جي ضرورت ناهي پوندي، هن کي پاڻ ئي پتو هوندو آهي تہ سندن شاعريءَ کي ڪهڙي مصلحتن ۾ علامتن جو سهارو وٺڻو آهي. مثال جيڪڏهن اسان سنڌي ٻوليءَ جي پهرين شاعره مائي مرڪان کان وٺي هن دور تائين اپرنڌڙ شاعرائن جي شاعريءَ مان حوالا ڪڍون تہ پتو پوندو تہ انهن جي شاعري پيرن، مرشدن، سهرن، لاڏن يا وڏ ۾ وڏ پنهنجي مڙسن سان محبت جي اظهار ۾ انهن جي تعريفن جي دائرن کان ناهي نڪري سگهي.

سنڌ ۾ جڏهن جديد شاعريءَ جي شروعات ٿي، تڏهن عورت جي شاعريءَ ۾ ڪي قدر موضوعن کي وصعت ملي، پر اها بغاوت ڪندڙ عورتن جو انگ بہ ايترو گهڻو نہ هيو... موجوده دور ۾ جيتوڻيڪ ان روايت کي رد ڪرڻ ۾ ڪجهہ پروگريسو عورت شاعرائن تمام گهڻو ڪم ڪيو آهي، جنهن جو ڦل موجوده دور جون شاعرائون خوب کائي رهيون آهن. اڄ جو دور جتي سنڌي شاعريءَ ۾ مرد شاعرن جي هڪ طويل فهرست جو دور آهي، اتي عورت شاعرائن جو پڻ هڪ وڏو انگ آهي جيڪي پنهنجي اندر جي اور کي سمورن قيد و بند کان آجو ڪري پيش ڪري رهيون آهن ۽ انهن پنهنجي ذات جي اظهار جا اهي دڳ ۽ پيچرا ماڻي ورتا آهن جيڪي اڳ وارين عورت شاعرائن لاءِ شجر ممنوع هوندا هئا.

جڏهن روايتن جون پٽيون پُٽيون ٿينديون آهن تڏهن بغاوت جو هڪ ڏڪو بہ انهن کي ڪيرائي پَٽ ڪري ڇڏيندو آهي... سنڌي ادب ۾ هن وقت عورت شاعرائن جي هڪ وڏي انگ جي موجودگي ان ڳالهہ جي چٽي نشاندهي آهي تہ هاڻ عورت وٽ اظهار جي آزادي آهي، هاڻي هوءَ مرد جي مهربانين جي محتاج ناهي رهي.. پرنٽ، اليڪٽرانڪ توڙي سوشل ميڊيا ايتري تہ پاڙ پختي ڪري ورتي آهي جو سنڌ جي عورت بہ پنهنجي تخليقن کي پنهنجي مرضيءَ مطابق عام ڪرڻ ۾ خود مختيار آهي، هاڻ ان ڳالهہ کي مڃڻو پوندو تہ تبديلي اچي چڪي آهي. هاڻ انهن مرد حضرات کي بہ سوچڻو پوندو ۽ ان ڌارا جو حصو بڻجڻو پوندو جيڪي اڄ بہ عورت جي جسم سان گڏ ذهن تي حڪمراني ڪرڻ کي پنهنجو حق سمجهي ڪيترين ئي عورت شاعرائن جي جذبن ۾

خوبصورت تخيل کي انائن جي ڪوٺن ۾ قيد ڪيو وينا آهن.....

مان پنهنجو پاڻ کي خوش نصيب پائيندي آهيان جڏهن سوچيندي آهيان تہ مان هڪ اهڙي دور ۾ پيدا ٿي آهيان جيڪو دور عورت شاعرائن جي حوالي سان ارتقاءَ جو دور آهي... منهنجي دور ۾ منهنجي همعصر شاعرائن ۾ ڪيترائي نالا آهن جيڪي پنهنجي ڏات ۽ ڏانءُ وسيلي سنڌي ادب اندر پنهنجو مقام جوڙڻ ۾ سوڀاريون ٿيون آهن. آنءُ سرهي آهيان جو اڄ اوهان سان پنهنجي نئي دور جي هڪ اهم ۽ سگهاري شاعره سنڌو پيرزادو پاران شروع ڪيل سنڌس شاعراڻي سفر جي پهرين پڙاءَ مان ڪجهہ دلفريب پڙاڏا ڪٺي اوهان سان مخاطب آهيان... اوهان جي هٿن ۾ موجود هي ڪتاب ”اُداسي“ سنڌو پيرزادو جي تخليقن جو پهريون مجموعو آهي، جيڪو ان ڳالهہ جو چٽو ثبوت آهي تہ سنڌ جون عورت شاعرائون هر حوالي سان نہ صرف سگهارو تخيل رکن ٿيون پر سندن اظهار جي سگهہ ايتري تہ مضبوط آهي جو اها وڏا واڪا ۽ آواز جنمي سگهي ٿي، انقلاب برپا ڪري سگهي ٿي.

مون زير نظر ڪتاب اندر سنڌو پيرزادو جي شاعريءَ جي لفظ لفظ کي پڙهيو آهي، پرکيو آهي ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سنڌوءَ جي هن ڪتاب ۾ ڪيترائي اهڙا خيال آهن جيڪي ڏيان جو گريبان ڇڪيندي نظر ايندا. ڪيترائي اهڙا شعر آهن جيڪي احساسن جي شدت کي چرڪائي ٿا ڇڏن ۽ سندس شاعريءَ ۾ موجود جذبن جي سچائي اهڙو ماحول جوڙي ٿي ڇڏي جو ڪٿي ڪٿي تہ اکيون نئي آليون ٿي پون ٿيون.... ڪٿي ڪٿي حيرت بہ ٿئي پئي تہ هڪ اهڙي سماج ۾ جتي عورت کي ايتري پذيرائي ملڻ سندس شعرو سخن کي سمجهڻ، سندس رهنمائي ڪرڻ کي عيب تصور ڪيو وڃي اتي اهڙي سخنوري سرجڻ، جنهن ۾ دلين جي روداد ايتري تہ منفرد بيان ڪيل هجي جنهن ۾ پڙهندڙ کي محسوس ٿئي ۽ هو پاڻمرادو ڪنڌ ڌوڻي چئي تہ ها..... اها آهي ڏات، جيڪا هر ڪنهن کي ناهي ملندي.

سنڌوءَ جي هن ڪتاب ۾ غزل بہ آهن، نظم بہ آهن تہ وايون بہ، ڪجهہ گيت بہ آهن جيڪي سنڌوءَ جي عورت هجڻ ڪري گيت جي مڪمل لهجي سان ٺهڪندڙ آهن. سنڌوءَ وٽ سندس هر صنف جو پنهنجو

هڪ باغ آهي ۽ هر باغ کي پنهنجي بهار رت آهي هر صنف جو پنهنجو شان ۽ مان آهي، لطف آهي، مزو آهي.
سنڌي ادب ۾ جديد ادب جي رجحان انقلاب برپا ڪري ڇڏيو آهي، خاص ڪري شاعريءَ جو چهرو تہ مزاج ئي تبديل ٿي ويو آهي، شاعري ۾ خاص ڪري نظم اندر منظر نگاري، قوم پرستي، رومانويت، مقصد، ترقي پسندي، بغاوت پسندي، وجوديت، مطلب تہ اڻڳڻيا انداز نظم اندر اجاگر ڪيا ويا آهن. سنتو پيرزادو بہ ان سمرٿيءَ جي موتيءَ وانگر آهي، جنهن جي نظمن ۾ پڻ مٽيان سمورا احساس ۽ جذبا ٽمٽار آهن. مان هتي شروعات ڪنديس سنتوءَ جي نظمن کان، سنتوءَ جي نظمن ۾ موضوع ۽ انفراديت جا ڪيترائي اظهار ملن ٿا، سنتوءَ جا ڪجهہ نظم سندس ڳوڙهي مشاهدي مطالعي سان گڏ پنهنجي مٽيءَ ۽ ماڻهن سان گهري لڳاءَ، محبت ۽ وابستگيءَ جي ڪري سندس شاعريءَ ۾ شاهڪار جي حيثيت رکن ٿا. انهن نظمن جي ٻولي توڙي تخيل سنتوءَ جو پنهنجي مٽيءَ سان جڙيل رهڻ ۽ ڌرتيءَ سان سندس ڪمٽمنٽ کي اجاگر ڪن ٿا.
سنتوءَ جا نظم پنهنجي اندر هڪ خوبصورت ابهام سانڍي پڙهندڙ کي ان ڳالهہ تي سوچڻ لاءِ مجبور ڪن ٿا تہ ماڻهو پنهنجي مٽيءَ کان پلجان ڪيترو بہ پري ڇو نہ هجي پر مٽيءَ ۾ جيڪا ڪشش آهي اها ڪيس هر وقت پاڻ ڏانهن ڇڪيندي ئي رهي.... ڳوٺ جون ساروڻيون بہ تہ مٽيءَ جون ساروڻيون آهن.... ڳوٺ جي منظرن جون ساروڻيون بہ تہ ڌرتيءَ جي خوبصورتيءَ جي ساروڻين کان گهٽ ناهن، ڳوٺ جي ماڻهن جون ساروڻيون بہ تہ قوم جي ساروڻين جهڙيون هونديون آهن.

اُها ئي ٻُک ساڳي آ،
صدين کان اُڄ ساڳي آ،
اُهي ئي ڏُک مارُن جا،
صدين کان رُڄ ساڳي آ.
اڃا پيو مارئي ٿر جي،
پري ٿي ڪوهہ تان پاڻي!
جلن ٿا پير واريءَ تي،
وڃن ٿا دور پاڻيءَ لئہ

اُداسي
اُهائي بُک، بيماري،
سُڪائي رت تي تر جو.
وري اڄ ڦول صحرا جا
ويا ڪومائجي آهن. (سنڌو)

سنڌوء جي نظمن ۾ محبت جي تجربي کي انوکي انداز ۾ بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ڪجھ نظمن اندر محبت کي فلسفياڻي انداز ۾ اک سان ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس تہ وري ڪجھ نظمن اندر سماج اندر رسمن رواجن ۾ مرداڻي سماج جي گهاڻن ۾ پيڙهجندڙ محبت جو ذڪر ڪيل آهي....

مان آهيان درد اماوس جو،
تون چانڊوڪين کي چاهيندڙ،
مان آهيان مٽي صحرا جي
تون ديس گُلن ڏي ڪاهيندڙ. (سنڌو)

يا هي نظم ڏسو:

ويل هي ڏاڍي پلي آ
چئوطرف رابيل آهن
پونء چڻ ڍڪجي وئي آ
خوبصورت ساوڪن سان
ماڻجو سرہاڻ آهي
هي سمو چڻ سار وانگر
چڻ تہ ننڍڙي ہار وانگر
اٽڪلون مون سان ڪري ٿو
ڪينچلون مون سان ڪري ٿو
ضد تي آهي چڙهيو چڻ
ڪنَ ۾ مون کي چئي ٿو
ڪاش هو توسان هجي هان
هن گهڙيء محبوب تنهنجو
ڪاش توسان گڏ هجي هان. (سنڌو)

سنڌوء جي نظمن جا موضوع وسيع آهن سندس نظمن جا

ڪينواس اهي ئي ساڳيا سهي پر هن انهن تي جيڪا مصوري ڪئي آهي ان ۾ پريل رنگ نج پج سنتوءَ جا پنهنجا آهن.... سنتوءَ جا نظم سندس زندگيءَ جي پڻ خوبصورت عڪاسي ڪندي نظر ايندا اهوئي ڪارڻ آهي جو سنتو پنهنجو پاڻ کي هڪ شاعره جي روپ ۾ نروار ڪرڻ کان پرانهين رهي آهي.... هوءَ گوشانشينيءَ ۾ رهي لکندي رهي آهي ۽ لکندي پئي اچي. بحرحال منهنجي نظر ۾ جڏهن سنتوءَ جي نظمن جو ڳوڙهو مطالعو ڪجي ٿو تہ اها ڳالهہ بار بار ذهن ۾ اچي ڌاپو ڪري ٿي تہ سنتوءَ جي نظمن ۾ اها جان آهي، اها اڏار آهي، اها گهرائي آهي جيڪا سندس سڃاڻپ ضرور بڻجندي. هونءَ بہ ڪنهن شاعر جي سڃاڻپ سندس شاعري ۽ ان اندر موجود سندس فن ۽ فڪر ئي بڻجندو آهي.... سندس سڃاڻپ اهي نظم ضرور بڻبا جيڪي هن وقت تائين پڙهندڙن جي نظرن کان اوجهل هئا، پر هن ڪتاب وسيلي عام ٿي نہ صرف پنهنجو تعارف سنڌي ادب سان ڪرائي رهيا آهن پر سنتوءَ جي سڃاڻپ جو پڻ باعث ضرور بڻبا.....

ساوڻ رُت ۾ ڏيئن وانگي
اُڀ تي ڪيڏا تارا آهن،
تارن جي جهُرمٽ کان پرتي
پورو پورو چنڊ بہ چڻ ڪو
ويرانيءَ جو ٽڪرو آهي.
پنهنجي گهر جي آڳر تي مان
ڪيڏيءَ دير کان ليٽيل آهيان!
سامهون ڪجيءَ جو وڻ آهي،
چانڊوڪيءَ ۾ روشن آهي.
ڪجيءَ جي ان وڻ جي پوپان،
چنڊ بہ مون سان ڳالهائي پيو،
جنهن کي هر پل آنءُ تڪيان ٿي،
جنهن سان دل جو حال سليان ٿي. (سنتو)

ان کان علاوه سنتوءَ جا ٻيا ڪوڙ سارا نظم، خاص ڪري "هي سمو چڻ سار وانگر!، اڄ اداس آهيان مان!، *Life is still going on*... ۽

ياد جا آواره بادل“ سنتوءَ جا انتهائي خوبصورت نظم آهن ۽ سندس نظمن جي انهيءَ رنگين ۽ خوبصورت سمرٽيءَ ۾ هڪ نظم منديءَ تي ٽڪ وانگر آهي جنهنجو ذڪر هتي مان لازمي سمجهان ٿي سو آهي ” منهنجا ننڍڙا سونو“، هي نظم سنتوءَ پنهنجي پياري پُٽ لاءِ لکيو آهي جنهن ۾ سندس عورتاڻن احساسن ۽ منجهس موجود ممتا جي گهري ساگر جون موجون پسي سگهجن ٿيون:

منهنجا ننڍڙا سونو!
تنهنجي ڪارن وارن پويان
چهرو چڻ ڪو چنڊ لڪيل آ
منهنجي پرسان تون ستل آن
ڪمري ۾ چڻ چنڊ ڪڙيل آ
تون ئي آهين منهنجي ڇانءَ
منهنجا ننڍڙا سونو. (سنتو)

سنتوءَ جي غزل اندر وري سنتوءَ جو ٻيو روپ پسي سگهجي ٿو. فني حوالي سان غزل ۾ سنتو هڪ تمام سگهاري ۽ فن جي ڄاڻو شاعره طور ابري اسان جي آڏو اچي ٿي. دلچسپ ۽ مختصر لفظن ۾ وڏي مقصد واري ڳالهه ڪرڻ جون نالو شاعري آهي ۽ اهو فن سنتوءَ کي خوب اچي ٿو. سنتوءَ جي طبيعت ۾ موجود حساسپڻو ۽ سچ گوئي جا اولڙا سندس شاعريءَ اندر پڻ موجود آهن. هن جيڪو ڪجهه به سوچيو آهي اهو قلم وسيلي ڪاڳر تي اتاري ڇڏيو آهي..... سنتوءَ جي غزل جون سادڙيون سٽون به پنهنجي اندر معنائن جا گهرا ساگر سمائيون ويٺيون آهن...

توهان نہ آهيو اگر تہ ساز سپ نہ ٿا وڄن،
اسان جي راڳڻي تہ بس اوهان جي آس پاس آ.
خيال سپ سڪوت ۾ ۽ لفظ لفظ ماٺ آ،
اسان جي شاعري تہ بس اوهان جي آس پاس آ.

ڪراچي جنهن کي ڪوڙ سارا شاعر ۽ نازڪ مزاج انسان پنڙن جو شهر ڪري مخاطب ٿيندا آهن هڪ اهڙو شهر جتي انسان مشينن وانگر ڪم ڪندي نظر ايندا هجن، جتي انسان انسان کان ويڳاڻو هجي.

جتي معاشرو پيچ ڊاھہ جو شڪار هجي، سماجي ورتاءَ ڊانوان ڊول ٿي ويا هجن، ڇئو ڏسا افراتفري ۽ دهشت گرديءَ جو راڄ هجي، اهڙي ماحول ۾ بہ سنڌوءَ جهڙي گهريلو عورت وڏي ايمانداريءَ سان علم ۽ ادب جي واٽ ويجهہ لاءِ جاکوڙي رهي آهي ۽ پنهنجي وت ۽ وس آهر سنڌي ادب کي مانائتو ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڪردار نڀائي رهي آهي. ان ڳالهہ کان قطع نظر تہ سنڌس ان پورهي جو ڪيس ملهہ ڪهڙو ملندو..... ڪا موٽ بہ ملندي يا نہ، سنڌو تہ بس شاعريءَ جي فن ۽ فڪر جي گهرائين تائين وڃي پهچي آهي.... هن شاعريءَ جي فن کي پنهنجي روح ۾ سمائي خيال کي اهڙو تہ تراشيو آهي جو سنڌس ان محبت جي ڪري هن پنهنجا ڪيترائي خوبصورت غزل سرجي سنڌي ادب کي ڏنا آهن. اڃو تہ سنڌوءَ جي اهڙن ڪجهہ غزلن مان ڪجهہ خيالن جي اڏار جي ڪٿ ڪيون ۽ ڏسون تہ سنڌوءَ جو غزل ڪاٿي پهتل آهي:

عشق ٿو جيڪو پڙهائي پاڻ کي،
ڪنهن بہ مڪتب ۾ نہ اهڙو درس آ.

پنهنجو ماضي پئي وساريو مون،
سار تنهنجي ٻري ٻري آئي.

ظاهري خوش لڳان پئي ليڪن،
منهنجي اندر ۾ بيقراري آ.

جو جهلڻ سان نہ ٿو جهلي سگهجي،
وقت اهڙو عقاب سمجهان ٿي.

ڪيڏيون نہ خوبصورت تشبيهون ۽ استعارا استعمال ڪيل آهن، ۽ ان فن جي ڪري سنڌوءَ جي شاعريءَ کي نئون نکار ملي ٿو، جيئن پنهنجي ئي شعر ۾ سنڌو اهو واضع ٿي ڪري تہ ”ڪو نئون استعارو ٿو گهرجي“ بلڪل ايئن سنڌو نواڻ جي ڳولائو آهي ۽ هن ان ۾ ڪاميابي پڻ ماڻي آهي جيئن سنڌس ڪجهہ استعارن مان ظاهر ٿئي ٿو. ”عشق جو استاد ٿي پڙهائڻ، ماضيءَ جي ياد جو وِسڻ ۽ وري ٻري پوڻ،

وقت عقاب جو ڦندي ۾ نہ ڦاسڻ“ وغيره.

علم عروض جي ڄاڻن مطابق جيترا بہ بحر وزن آهن انهن منجهان 3 بحر اهڙا آهن جيڪي انتهائي ڏکيا آهن جن تي طبع آزمائي ڪرڻ هر شاعر جي وس جي ڳالهہ ناهي..... اهي هي آهن.

مفاعلتن

متفاعلن

مستفعلن

مٿي ذڪر ڪيل بحر اهڙا آهن جن تي اياز سان گڏ ڪجهہ سينيئر شاعرن لکيو آهي پر تمام گهٽ، نئين ٽهيءَ جي بہ آڱرين تي ڳڻجندڙ شاعرن ان بحر وزن تي لکيو آهي، ڇاڪاڻ تہ ڪجهہ استاد شاعرن ۽ نقادن جو خيال آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جو مزاج اهڙو ناهي جو اهڙن ڏکين بحر وزنن تي شاعري ڪري سگهجي، پر ان هوندي بہ سنڌي ٻوليءَ جي ڪجهہ شاعرن اهڙن استادن ۽ نقادن جي اهڙين دعوائن کي پاسي تي رکي انهن بحر وزنن تي نہ صرف لکيو آهي پر ان سان فن توڙي فڪر جي حوالي سان تمام گهڻو نڀايو پڻ آهي. مون کي حيرت ٿي جڏهن سنڌوءَ جي غزلن جو مطالعو ڪندي منهنجي نظر سندن ڪجهہ اهڙن غزلن تي پئي جيڪي ”متفاعلن“ جي بحر وزن تي لکيل آهن. ويچارڻ سان پتو پيو تہ سنڌوءَ جا اهي غزل نہ صرف فني حوالي سان انتهائي سگهارا هئا، اهڙي ڏکئي بحر وزن سان نہ صرف هن سهڻي نموني نڀايو آهي پر ان ۾ خيال جو پوراءُ بہ انتهائي خوبصورت ڪيو اٿس، جنهن مان پتو پوي ٿو تہ هن نہ ئي ڪا ٽُڪ بندي ڪئي آهي ۽ نہ ئي ڪا ڊڪاٽڪي، هن اهي غزل پنهنجي ذات جي مدد سان سرجيا آهن ۽ سندس ڏانءُ جيڪو ڪيس اردو ادب ۾ ماسٽرس ڪرڻ جي ڪري مليو آهي ۽ ذات جيڪا هن کي ورثي ۾ مليل آهي پوءِ هن ٻنهي کي جيءَ ۾ جاءِ ڏني آهي ۽ لکيو آهي... پنهنجي مطالعي جي ميز کي هميشہ آباد رکيو آهي پڙهيو آهي، اندر ۾ ڪڙهي آهي پنهنجو پاڻ کي پچايوآهي، شاعريءَ کي پنهنجي اندر ۾ سمايو آهي: تڏهن ئي اهڙي بحر وزن تي هن ڪمال جي خيال آرائي ڪري عجب ۾ وجهي ڇڏيو آهي. متفاعلن جي بحر وزن تي لکيل سنڌوءَ جي ڪجهہ غزلن جا ڪجهہ شعر مثال

طور هتي ڏيڻ ضروري ٿي سمجهان:
تنهنجي پار ڏي منهنجا پرين چو ڪو پنڪ ٿي مان اڏان نہ ٿي،
تنهنجي عشق ۾ تنهنجي چاھ ۾ ڪو پتنگ ٿي چو جلان نہ ٿي.
تون جي دور آن ٿو لڳي مون ڪي تون اڃان بہ دل جي قريب آن!
تنهنجي ويجهڙو بہ رهي پرين، چو مان خوش ڪڏهن ٿي ڪلان نہ ٿي.

منهنجي نظر ۾ رديف ڪنهن بہ غزل جي سونهن هوندو آهي ۽ غزل ۾ رديف جي نواڻ ۽ ان جو درست استعمال يا ايئن چئجي تہ رديف سان نياءُ غزل جي حسناڪيءَ ۾ واڌارو ڪري ٿو، سنتوءَ کي پڻ ان ڳالهہ جي خبر آهي ۽ هن نہ صرف عام ۽ مختصر رديف استعمال ڪيا آهن ۽ انهن سان نيايو آهي پر هوءَ نون رديفن جي پڻ متلاشي رهي آهي. ڊگها رديف پڻ استعمال ڪيا اٿس جن جي ڪري سندس غزل ۾ هڪ منفرد ۽ وڻندڙ ردم جنم وٺي ٿو، ان مان ٺهندڙ موسيقيت پڙهندڙ کي جهومڻ تي مجبور ڪري ٿي ڇڏي:

چو موسم سرد آهي ۽ اداسي هر طرف ڇانيل،
ڪو دل ۾ درد آهي ۽ اداسي هر طرف ڇانيل.
مسافر رات آهي ۽ رُلي ٿو روح پيو رڻ ۾،
آوارهہ گرد آهي ۽ اداسي هر طرف ڇانيل. (سنتو)

سنڌ ۾ گيت کي جن شاعرن عروج تي آندو انهن مان شيخ اياز، استاد بخاري، مير محمد پيرزادو، ۽ سرمد چانڊيو جا نانءَ سگهارا آهن، پر جڏهن جديد سنڌي گيت جي تاريخ ۾ جهاتي پائبي تہ ڪيترن ئي اهم نالن تي نظر پوي ٿي... اها ڳالهہ تہ پتري پٽ پيل آهي تہ سنڌي گيت جو جنم هندي گيت مان ٿيو آهي.... ويهين صديءَ جي شروعاتي دور ۾ ڪشنچند بيوس، کيئلداس، هري دلگير، هوندراج، شيخ اياز، استاد بخاري، نارائڻ شيام، تنوير عباسي، نياز همايوني، کان ٿيندو سنڌي گيت مير محمد پيرزادو، قمر شهباز، شمشيرالحيدري، ۽ سرمد چانڊيو تائين پهچو ۽ پوءِ نئين نسل ڏانهن منتقل ٿيو آهي جنهن جي قطارن ۾ بيٺل سنتو پيرزادو پڻ پنهنجي حصي جي ڏات ۽ ڏانءُ مائٽي ورتو آهي ۽ گيت لکيا آهن.....

سنتوءَ جا گيت پڻ سندس شاعرائي مزاج جي ترجماني ڪندي

ملن ٿا، توڙي جو نظمن، غزلن ۽ واين جي پيٽ ۾ گيتن جو انگ گهٽ اٿس پر پوءِ بہ انهن گيتن ۾ سنڌوءَ جي شعوري ڪوشش سان گڏ سندس مشاهدي ۽ مطالعي جي وڏو هٿ آهي. سندس گيت ۾ سنڌو پنهنجي دور ۾ ٿيندڙ لقائن سان همڪلاميءَ سان گڏ پنهنجي اندر سان ڳالهائيندي پڻ ملي ٿي...... چو تہ گيت جو مزاج ئي ڪجهہ اهڙو آهي جو هر عورت جو ئي آواز هوندو آهي، سو گيت لکڻ وقت سنڌوءَ بہ پهرين پنهنجو پاڻ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پوءِ عورت جي آواز کي سمجهو آهي، ڄاتو آهي، ۽ پوءِ گيتن ۾ ڳاتو آهي جنهن جا سُر ۽ تال اسان کي سنڌوءَ جي گيتن ۾ چڱيءَ طرح ملي سگهن ٿا ۽ اسان سنڌوءَ جي گيتن مان موسيقيت جا مزا ماڻي، احساس ۽ خيالن جي حسنا ڪين جا املهہ موتي بہ پسي سگهون ٿا.....

شاهہ جمال تي راڳ هلي پيو.
ڳوٺ پريان ڀلهڙيجي آهي،
مُهين تي وسڪارو آهي،
جل ٿل منظر سارو آهي!

وائي نج سنڌي صنف آهي ۽ سنڌي شاعريءَ جو تمام وڏو ڪارنامو ليکي وڃي ٿي. عام طورتي وائيءَ کي سنڌي شاعريءَ اندر مقدس حيثيت حاصل آهي.... بيت جيان وائي جو لکڻ بہ هر سنڌي شاعر لازمي سمجهندو آهي ۽ پاڻ تي بيت ۽ وائيءَ جو حق سمجهي حق ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي... سنڌوءَ بہ وائيءَ لکي ڪلاسيڪل سنڌي شاعريءَ جي حق ادائگي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي .... سندس ڪتاب ۾ واين جو انگ گهٽو آهي، سندس وائي پڙهڻ سان ائين ٿو لڳي ڄڻ سنڌوءَ جي اندر جي اور هجي.... هن پنهنجو پاڻ سان يا شين سان جيڪا همڪلامي ڪئي آهي ان جا پڙاڏا وائي جي صورت اختيار ڪري آڏو آيا هجن.... وائي پنهنجي اندر ۾ نظم وانگر هجي ٿي، هڪ مسلسل نظم.... وائي عام طور تي چند تي آڌاريل هوندي آهي، ڪوڙ سارن شاعرن وائي کي عروض جي ڪنواس تي پڻ چٽيو آهي ۽ اهو تجربو پڻ لاپائتو ثابت ٿيو آهي، چو تہ عروض جا رنگ وائيءَ کي خوبصورتي ارپن ٿا. ان مان اهو مقصد هر گز نہ ورتڻ گهرجي تہ ڪو چند تي لکيل وائي عروض تي

لکيل وائيءَ کان ڪنهن قدر گهٽ آهي.... نہ.... ان جا پنهنجا رنگ آهن، خوبصورتي آهي، رچاءُ آهي ۽ موسيقيت آهي.... بحرحال وائي ڪي ڪهڙي بہ رنگ ۾ لکجي هن جو پنهنجو هڪ انوکو هڳاءُ آهي جيڪو پاڻ مرادو ڦهلجي ٿو ۽ پاڻمرادو انهن روحن کي وڃي رسي ٿو جيڪي روح اهڙن هڳائن جا متلاشي رهندا آهن....

سنڌو جي وائي ۾ اها ردم ۽ موسيقيت موجود آهي جيڪا وائي لکڻ لاءِ گهربل آهي يا ضروري آهي جنهن جي ڪري سندس وائيءَ ۾ رچاءُ پيدا ٿئي ٿو.....

ٿڌڙي ٿڌڙي هير لڳي پئي
تون آن مون سان گڏ،
چانڊوڪيءَ هن رات ۾!
پهريون پيار ايئن هوندو آ،
چوري ايئن نہ پڏ،
چانڊوڪيءَ هن رات ۾!

سنڌوءَ جي واين جا موضوع منفرد آهن، ونس رومانويت بہ آهي، سماجيات بہ آهي تہ جديد ۽ ڪلاسيڪيت جو سنگم پڻ سندس ٻي شاعريءَ وانگر سندس واين ۾ بہ ملي ٿو. خارجي توڙي داخلي ڪيفيتن جو توازن رکڻ جي ڪوشش ڪئي اٿائين جنهن ۾ هوءَ ڪافي حد تائين ڪامياب بہ ٿي آهي. رومانوي احساسن ۽ داخلي ڪيفيتن سان ٽمٽار سنڌوءَ جي ٻن واين جا هي بند ڏسو ڪيڏا نہ خوبصورت آهن ۽ ڪيڏي نہ رواني آهي انهن جي ورائين ۾:

سنڌوري ٿي سينڌ آ
تارا تارا چڳ،
تون جو آئين سپرين!
يا
سجدا منهنجو ساهہ ۽
من جا وڄنر گهنڊ،
ساجن تنهنجي لاءِ!

پنهنجي چوڌس سماج ۾ ٿيندڙ واقعن تي پڻ سنڌوءَ جي گهري

نظر آهي، سندس اها نظر واقعن ۽ حالتن جي گهرائيءَ تائين وڃي پهچي ٿي ۽ پوءِ سندس اندر ۾ شاعري چشمن جيان اڀرڪا ڏئي نڪري ٿي جيڪا انهن منظرن، واقعن، حالتن ۽ انهن جي ڪري پيدا ٿيندڙ خوشين ۽ ڏکن جي احساسن سان مالامال هوندي آهي. سنتوءَ جي شاعريءَ ۾ موجود خارجي ڪيفيتون ڪيس هڪ سگهاري ۽ سماجيات تي نظر رکندڙ دانشمندانہ ايپروچ جي مالڪ شاعره طور روشناس ڪرائي رهيون آهن:

مور مٺا ڇڻ ٽڙ مري ويو،
ٻوڙي ٿي پئي ڍيل،
سانجهيءَ جي هن ويل!

سنتوءَ جي شاعريءَ جو ڳوڙهو جائزو وٺڻ کان پوءِ مان انهيءَ نتيجي تي پهتي آهيان تہ شاعري سنتوءَ جي روح مان ڦٽي ٿي، هن وٽ اها ڏات ۽ ڏانءُ آهي جو هوءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ موجود ڪومل احساسن وسيلي تتل ريت جهڙن جذبن مٿان ميگها وانگر وسي سارو ماحول مهڪائي ٿي ڇڏي. آخر ۾ سنتوءَ جي هن شعر سان پڇاڙي ڪندي ڪانئس اها اميد ڪيان ٿي تہ هن جنهن پنڌ جي شروعات ڪئي آهي تہ ڪيس شاعريءَ جا ايجان ڪوڙ سارا سنگ ميل طئہ ڪرڻا پوندا ۽ پنهنجي فن ۽ فڪر ۾ ايجان وڌيڪ پختگي آڻي ادب جي افق تي وهائو تاري جيان جرڪڻ جا جتن جاري رکندي.

ڏات منهنجي آ ڪنهن پکيءَ وانگر،
هاڻ اوچي اُڏار چاهيان ٿي.

روبينہ ابڙو
15 آگسٽ، 2014
شيخ زيد ڪالوني، لاڙڪاڻو

# آس پاس رهندڙ شاعري

پر تنهائي هميشہ
منهنجي مزاج جي مند رهي آهي
جنهن ۾ مان
بهار هوندي بہ
خزان جي پتن جيان
ڇڻندي رهان ٿي........

سنڌو پيرزادي جي ”بي ربط روشني“ رچنا کي پڙهي، چئي سگهجي ٿو تہ نثري شاعري بہ، صحيح معنيٰ ۾، انهن ئي ڪئي آهي، جن صحيح معنيٰ ۾ پابند شاعري ڪئي آهي. هڪ شاعر/شاعرا لاءِ جڏهن اهو چئون ٿا تہ هن کي شاعريءَ ۾ تجربو ڪندو رهڻ گهرجي تہ ان مان مراد گهٽي ياڳي هيئتي تجربي سان ئي آهي ۽ اهو اصول هر صنف سان لاڳو آهي. پابند شاعريءَ جي مخالفت ڪرڻ وارا ”خيال“ جي اهميت تي زور ڏين ٿا، ان بابت وٽن ٻيو ڪو بہ دليل نہ آهي. جڏهن تہ ان خيال جي بہ هڪ هيئت آهي، جنهن جو آڌار بہ ”لفظ“ آهن ۽ لفظن جي هڪ هيئت آهي، Format آهي، ترتيب آهي، سٽاءُ آهي، جيڪو بہ سٽ جي جوڙجڪ ۾ هَڪيو آهي، پنهنجي معنيٰ سوڌو. ”سنڌوءَ“ جي ان رچنا جي آخري سٽ جي آخر ۾ جيڪي ٽٻڪا ”.......“ آهن، اهي بہ ان هيئت جو حصو آهن. ان سان لڳاتار ڇڻندو رهڻ جو تاثر وڌيڪ زوردار ٿئي ٿو. شاعريءَ ۾ بيهڪ جي نشانين Punctuations سان اهو تاثر اڀاري سگهجي ٿو، جيڪو لفظ اڀارڻ ۾ اسمرٿ آهن، پر انهن ۾ واهپو بہ، لفظن وانگي، مهارت مڱن ڪرڻ جڳائي.

شاعريءَ ۾ جنهن ڪيفيت، جذبي يا احساس جو اظهار آهي، ان جي پس منظر ۾ اهو واقعو، حادثو، ڪردار، منظر، ورتاءُ، ڪا ياد آهي. انهيءَ مان ئي ڪو ليئو، ڪو اولڙو، ڪو ڇٽُ ڇٽَ جي ڪينواس تي ڇنڊجي ويندو آهي. ڪنهن سٽ جي روپ ۾، ان سٽ ۾ ئي هيئت پڻ

هَڪِي هوندي آهي، ڪنهن غزل جي، بيت جي، وائيءَ جي، گيت جي، نظم/ آزاد نظم، نثري نظم جي:

پکي پنهنجن پنهنجن آکيرن ڏانهن
اڏري رهيا آهن-
پر!.....
جدائيءَ جي هڪ طويل رات
منهنجي منتظر آهي!!
(جدائيءَ جي طويل رات)

اها (جدائيءَ جي طويل) رات اچا آئي نہ آهي. پر ان جي اچڻ جو خوف پهرين کان هڪيو آهي. پتو نہ آهي اها رات ان ڪردار جي، يا اهو ڪردار ان رات جي اوسيئڙي ۾ آهي!

Labour Day ۾ جيڪا حقيقت بيان ڪيل آهي، ان ڪي اسان مان ڪيترن ڏٺو هوندو، پر اسان جي آڏو اها حقيقت ”سنڌوءَ“ آندي آهي. مون پاڻ بہ انهيءَ ”پورهيتن جي ڏينهن“ تي عورت پورهيتن کي رستن تي پٿر ڪٽيندي ڏٺو آهي تنهن ۾! ڪجهہ ڪردار ”سنڌو“ کان وڇڙي بہ نٿا وڇڙن، انهن سان گهاريل گهڙين جون ساروڻيون هن کان ڪڏهن نہ ٿيون وسرن، اهڙن ڪردارن ۾ هڪ ”ڏاڏيءَ“ جو ڪردار بہ آهي:

اها ڏاڏي
مان جنهن جي ڪڇ تي ويهي
سڄو ويڙهو پئي گهميس
جڏهن هُن ڳوٺ پنهنجي مان
ڇڇي ۽ ڏار ٿيس آئون
ڪشادي ڪڇ ڏاڏيءَ جي
هميشہ لاءِ جدا ٿي وئي! (اداسي)

”سنڌو“ پنهنجي ڳوٺ، ڳوٺ واري گهر، ڳوٺ جي منظرن ۽ مائٽن کي وساري نہ سگهي آهي. ”ڏاڏيءَ“ کي هن هڪ ٻئي نظم ۾ بہ جيوت رکيو آهي:

ان ڳوٺ ۾ هڪ اسان جو گهر هو
جنهن کي هڪ وڏو اڱڻ هو

جنهن کي روز صبح ساجهر جو
اسان جي ڏاڏي ايئن ميڙيندي هئي
جڻ هوءِ ان گهر جا سڀ ڏک بہ
ميڙي کڻي چڙيندي هجي!(وڏو اگڻ)

"اڄ تنهنجو چاليهو آهي" رچنا "ماءُ" جي سار جي تار سان اٽيل آهي.

"سنڌو" وائي، گيت، غزل، نظم، نثري شاعريءَ جي صنفن تي لکيو آهي،هتي سندس هڪ مختصر نظم ڏيان ٿو:

ڪا رات رُسي وئي آ
ڪا بات رسي وئي آ
جڻ ڏات رسي وئي آ
تون ٿي نہ رُسيو آن پر
مون ڪان تہ پرين منهنجي
جڻ ذات رُسي وئي آ. (روسامو)

"سنڌو" جي شاعريءَ ۾ سانوريون سانجهيون، جدائيءَ جون ڏکيون راتيون، تپندڙ ٻپهريون، پيلن پنن جيان ڇڻندڙ پل، پهر، رتل رُتون، مُنل مندون، دوريون، مجبوريون-آهن. انهن موضوعن کي هُن تنهائيءَ، اداسيءَ ۽ ياد/سار جي تاڃي پيٽي تي اُڻيو آهي:

*ياد ڪا وسندي رهي ٿي
*ڪنهن ياد جا ستارا
روشن رهن ٿا سارا
*اداسي هيءَ سکي منهنجي
ڪا نندپڻ جي سهيلي آ
*هي ڪنهن جي ياد سان ٿي ويا گلن جا رنگ سڀ گهرا
۽ ڪنهن جي ياد سان هيءَ شام ٿي وئي چمپئي آهي

اهو غزل جو شعر آهي ۽ "سنڌو" جي غزل جي پنهنجي روپ ريکا آهي:

ظاهري خوش پئي لڳان ليڪن
منهنجي اندر ۾ بيقراري آ

شاعريءَ ۾ هر صنف جي تخليقي سطح تي هڪ اهميت آهي ۽ ان جون خاص گهرجون آهن، جن جو پورائو لازمي آهي، پوءِ اها غزل جي صنف هجي يا نثري شاعريءَ جي ۽ جيئن تہ خيال کي لفظن ۾ هيئت ۾ ئي اظهارجي ٿو، ان ڪري ٻوليءَ جي وسيع ڄاڻ هئڻ ۽ هيئت کي مهارت سان ڪتب آڻڻ بہ ضروري آهي:

ڪهڙي آهي هوا هلي جو، اڄ
ڪا گهٽي، ياد ڪا دري آئي
پنهنجو ماضي پٺي وساريو مون
سارَ تنهنجي ٻري ٻري آئي

ان غزل جي مطلع ۽ ٻن شعرن ۾ ياد/سار جو ذڪر آهي.

”سنتوءَ“ اردو ادب ۾ ايم اي ڪئي آهي. ان ڪري هن جو اردو شاعريءَ جو مطالعو بہ ٺيڪ ٺاڪ آهي ۽ هوءَ سنڌيءَ سان گڏ اردوءَ ۾ پڻ شاعري ڪري ٿي. سنڌي، اردو يا ٻين ٻولين جي شاعريءَ جو مطالعو سٺي ڳالهہ آهي. انهن جي سٺين ڳالهين کان متاثر بہ ٿي سگهجي ٿو. ان ڏس ۾ لفظ بہ کڻي سگهجن ٿا، ٻين ٻولين جا، پر انهن کي ڪتب آڻڻ لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي سياءَ کي اهميت ڏيڻي پوندي. عروضي صنفون بہ ٻاهران آيل آهن، جن ۾ غزل بہ آهي:

اکين جو ٺار هئي، روح جو قرار هئي
سا ڇوڪري تہ فقط، پيار، پيار، پيار هئي
مان تو سان جا بہ گهڙي گڏ رهي سگهي آهيان
حسين خيال هئي، خواب هئي، خمار هئي

اهو غزل شوڪت پيرزاديءَ (رحمت جي وڏي ڀيڻ) کي ارپيل آهي، جيڪا جوانيءَ ۾ وڇڙي وئي! ”سنتوءَ“ جو پيءُ ستار، سهرو مير محمد ۽ سندس ڀتار رحمت ادب ۽ شاعريءَ سان واڳيل آهن. ان ڪري ”سنتوءَ“ کي تربيت لاءِ علمي ادبي ماحول مليو آهي، پر ”سنتو“ هڪ الڳ ڏڳ ورتو آهي ۽ پنهنجي منفرد لهجي سان ان تي وڌي بہ رهي آهي:

اسان جي زندگي تہ بس اوهان جي آس پاس آ
اسان جي هر خوشي تہ بس اوهان جي آس پاس آ
اوهان نہ آهيو اگر تہ ساز سڀ ٽٽا وٺن

اسان جي راڳڻي تہ بس اوهان جي آس پاس آ
هڪ رچنا ڪار ڪي، هڪ آرٽسٽ ڪي هڪ شاعره ڪي رچڻ مهل پنهنجي سمورين صلاحيتن کي ڪتب آڻڻو پوندو آهي. ان ڏس ۾ ”سنتو“ جو نظم ”هي سال پيو هليو ويو“ ثبوت طور پيش ڪري سگهجي ٿو:

هوءَ زندگي حقيقت
يا خواب وانگيان آ
هوءَ دور ڪيرَ ڏارا
ڪنهن پار ڏي وڃي ٿي
جو مون ڏٺو نہ آهي.

ان نظم ۾ احساسن کي ڏاڍي نفاست سان سِٽن ۾ پوئيو ويو آهي:

۽ خواب جي اکين مان
جڻ رات آهہ هاريل

نظم جي هنن سِٽن جي نثر ۾ وياکاڻ ڪرڻ سان اُنهن جي سُونهن کي ڇيهو رسندو! انهن ۾ حياتيءَ ۽ وقت کي ”سنتو“ هيئن Concieve ڪيو آهي:

هيءَ مختصر حياتي
جڻ ڪو حَسين وڻ آ
۽ وقت ڪو پکيڙو
ڪو ڪاٺ جو ڪُٽيئڙو
پَل پَل ٺُڪي رهيو آ!

ڪاٺ ڪُٽي جو وڻ کي ٺُڪڻ جو آواز اسين ٻُڌون ٿا. پر وقت جي ”ڪاٺ ڪُٽيئڙي“ جو آواز اسين نہ ٿا سُڻون- شاعره سُٺي ٿي ۽ اُن کي لفظن ۾ بہ اظهاري ٿي ڇڏي! ايئن اها وارتا وسيع ٿئي ٿي ۽ هر دل جي ترجمان بڻجي ٿي وڃي:

هر سال وانگيان ئي
هي سال پيو هليو ويو
ڪا سارَ ساهِمي آ

اُداسي

بس درد دائمي آ
بس درد دائمي آ!!

سارَ جي ساهميءَ ۾ درد جو پُڙ ئي ڳرو آهي... ۽ درد ئي شاعريءَ جي وڻ جو ٻجُ آهي... ۽ ٻجُ جيترو نِجُ هوندو، زمين جيتري پلي ۽ پاڻيتي هوندي، وڻ اوترو ئي ڇَٽ وارو ٿيندو، جيڪو اسان کي ڦَل، ڦُلَ ۽ ڇانوَ ڏيندو. لوڪ کي کهڙي سُڌ تہ اهو ٻجُ دل ڌرتيءَ ۾ پوکيو ويندو آهي ۽ ڦونهڙي کان سَلي ۽ سَلي کان وڻ ٿيڻ تائين، اُن کي لڙکن جي مينهن ۽ ٿڌن ساهن جي هوائن سان ئي تاتيو ويندو آهي! ”سنڌوءَ“ جي شاعري پڙهندي لڳو تہ هوءَ بہ انهن مرحلن مان اُکري رهي آهي ۽ هن اٿاهہ وقت جي وهڪري مان، ڪجهہ موتي هٿ ڪري، لفظن جي روپ ۾ اسان جي آڏو پيش ڪري رهي آهي:

اسان جي شاعري تہ بس اوهان جي آس پاس آ!

اسين اُن شاعريءَ جي ڪيترو آس پاس آهيون؟ اسان وٽ انهن موتين جو، لفظن جو، احساسن جو ڪهڙو مُلهہ آهي؟ انهن سوالن جا جواب اسان کي ئي ڏيڻا آهن، پنهنجو پاڻ کي! شاعر/شاعرا کي تہ اڳتي وڌي ويڻو آهي- ٻيءَ تخليق ڏانهن- نِت نئين تخليق ڏانهن! هڪ نئين منظر ڏانهن! هڪ نئين درد ڏانهن!

سامهون نِم جو وڻ
بهار جي مُند ۾
وڏيڪ سائو ٿو لڳي
پر آڳر ۾ پيل
صرف هڪڙي ڪُرسي
مون کي ماري ٿي وجهي!
(بهار جي مند)

**امداد حسيني**
ڪراچي، سنڌ
20 آڪٽوبر 2017ع

## پنهنجي پاران:

ايراني شاعرا ”شهناز عالمي“ جو هڪ نظم آهي ”جادو جي پيتي“ نظم جون ڪجهه سٽون ڏيان ٿي:

مان پاڻ سان گڏ کڻين
هڪ جادوءَ جي پيتي،
ڏاڍي هلڪي ۽ نازڪ-
ٻارن جا ٻه ٽي وڳا،
اڇي جارجٽ جو هڪ وڳو،
پنهنجي ماءُ جي هڪ
پراڻي ڌنڌلي تصوير،
جنهن ۾ هن کي مٿي تي
رومال ٻڌل آهي.......
هاڻي ته عمر گذري وئي.
مان هن جادوءَ جي پيتيءَ مان
جيڪو ڪجهه چاهيان
ڪڍي سگهان ٿي،
اصفهان جا حيران ڪندڙ بهارَ،
شيراز جي رنگين خزان،
نارنگين سان جهجيل
وڻن جي خوشبوءِ......
جڏهن مان پنهنجي وصيت لکندس
مان چوندس ته
”منهنجي جادوءَ جي پيتي
مون سان گڏ قبر ۾ رکي ڇڏجو.“

مان جڏهن پنهنجو ننڍپڻ ياد ڪندي آهيان تہ مون کي هڪ سفر چٽو ياد ايندو آهي، جيڪو مون پنهنجي ڳوٺ ٻلهڙيجيءَ کان ڪراچي شهر ڏانهن ڪيو هو...

ريل گاڏيءَ جو خاص ماحول، منهنجي ماءُ ۽ ننڍو ڀاءُ ۽ اُهو ڏک جيڪو ڳوٺ کي هميشہ لاءِ ڇڏڻ جو هو... مون سان گڏ هئا. مان تمام ننڍي هيس پر مان بہ شايد ايراني شاعرا شهناز عالميءَ وانگر يادن جي هڪ جادوئي پيتي، ڳوٺ مان هلڻ وقت پاڻ سان گڏ کڻي هئي. ڪراچيءَ جي پُرهجوم زندگيءَ ۾ مان اڪيلائيءَ ۾ اڪثر اُها جادوئي پيتي کولي، وري پاڻ کي پنهنجي ڳوٺ جي گهٽين ۾ ڪيڏندي محسوس ڪندي هئس. منهنجا ڳوٺ تي سڀ نظر ان خاص ڪيفيت ۾ لکيل آهن. ننڍپڻ کان پوءِ جوانيءَ جو بہ سڄو دور تہ ڪراچيءَ ۾ گذريو ۽ اڄ ڏينهن تائين ڪراچيءَ ۾ ئي رهائش آهي پر ڳوٺ سان تعلق ۽ واسطو جيئڻ جو تيئن اڄ تائين برقرار آهي.

مون کي شعور آيو تہ مان پنهنجي پاڻ کي پنهنجي ڏاڏيءَ جي ڪڇ ۾ ڏٺو، جنهن وڏي لاڏ ڪوڏ سان مون کي پاليو. مان تقريبن ٽن ورهين جي مس هيس تہ اسان ڪراچيءَ هليا آياسي پر ڳوٺ سان تعلق ۽ واسطو برقرار رهيو، جنهن جو سبب منهنجو ڏاڏو ۽ ڏاڏي هئا. خاص طور تي منهنجي ڏاڏيءَ جي تہ عيد ئي نہ ٿيندي هئي، جيستائين اسان ڳوٺ نہ اچون. شادين مرادين، فوتگين ۽ اسڪول جي موڪلن ۾ اسان اڪثر ڳوٺ ويندا هئاسين ۽ ڳوٺ مان جڏهن بہ مان ڪراچي ايندي هيس تہ ڳوٺ ۽ پنهنجي ڏاڏيءَ کي ياد ڪري ڏاڍو روئندي هيس. ابتدا ۾ تہ منهنجو بابا ۽ امان کي لڳندو هو تہ هي ڇوڪري ڪراچيءَ ۾ رهي نہ سگهندي ۽ بابا کي شوق هوندو هو تہ منهنجي ڌيءُ اعليٰ تعليم حاصل ڪري. پر پوءِ آهستي آهستي مان ڪراچيءَ جي ماحول ۾ رهڻ جي عادي ٿي ويس.

منهنجي سڄي تعليم ڪراچيءَ ۾ ٿي. اسان ڪورنگيءَ ۾ رهندا هئاسون. اتي جو سٺو پرائيويٽ انگلش ميڊيم اسڪول هو ”نيو ميٿڊ هاءِ اسڪول“ جنهن ۾ مان نائين درجي تائين تعليم حاصل ڪئي. اسڪول Co-Education هيو، يعني ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون گڏ پڙهندا

هئاسون، مان اسڪول ۾ سُٺي شاگرديائڻي هيس. جماعت ۾ پهرين يا ٻي پوزيشن هوندي هئي. اسڪول جا دوست اڄ ڏينهن تائين منهنجا دوست آهن. جن ۾ ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ٻئي شامل آهن، پر منهنجي سڀ کان وڌيڪ دوستي مدثرا سان هوندي هئي. اسان هُن کي پيار سان ”مُون“ سڏيندا هئاسون. اسان اسڪول کان علاوه هڪ ٻئي جي گهر به ايندا ويندا هئاسي. مان ۽ مدثرا ادبي ڪتاب ڪهاڻيون ۽ خاص طور تي شاعري اسڪول جي زماني کان ئي پڙهڻ شروع ڪئي هئي. جڏهن اسان ستينءَ جماعت جون شاگرديائڻيون هئاسون. اسان ساحر لڌيانوي، احمد فراز، امجد اسلام امجد ۽ پوءِ پروين شاڪر ۽ فيض به پڙهندا هئاسون. ڪتاب اڪثر مان ئي اسڪول کڻي ويندي هيس (بابا جي لائبريريءَ مان) اشتياق احمد جا وڏا وڏا جاسوسي ناول به مون اسڪول لائيف دوران ڏاڍا پڙهيا. ٻارن جو رسالو ”همدرد“ هر مهيني پڙهندا هئاسون. پوءِ اسڪول لائيف دوران ئي مان ۽ مدثرا گڏ شاعري به ڪرڻ شروع ڪئي. اسان نظم لکي ايندا هئاسون ۽ هڪ ٻئي کي ٻڌائيندا هئاسون. شروع شروع ۾ گهر وارن کان پنهنجي شاعري لڪائيندا هئاسون ۽ مان ته پنهنجي ڊائريءَ ۾ پنهنجي نظمن تي پنهنجو نالو به نه لکندي هيس، بس مدثرا کي ٻڌائيدي هيم. هوءَ ڏاڍو خوش ٿيندي هئي. مون کي ”مُون“ ايڏي پنهنجائپ ۽ پيار ڏنو جو پوءِ موڪلون ٿينديون هيون ته دل چوندي هئي ته جلد ختم ٿين ته جيئن هن سان ملان. هن جي ڊائري مون وٽ هوندي هئي ۽ هُوءَ چوندي هئي ته منهنجا سڀ نظم تنهنجا آهن.

هوءَ شيعا فرقي سان تعلق رکندي هئي ۽ ڪورنگيءَ ۾ رهائش دوران اسان رهندا به شيعن جي پاڙي ۾ هئاسون. امام بارگاهه منهنجي گهر جي صفا سامهون هوندي هئي. ان ئي مولوي صاحب کان مون قرآن پاڪ به پڙهيو ۽ ان جي ڌيءَ شاهدا ۽ پاڙي جي ٻي ڇوڪري فرحين جنهن کي زوبي چوندا هئاسون، انهن سان منهنجي دوستي تمام گهڻي هوندي هئي، جيڪا اڄ ڏينهن تائين برقرار آهي. مان امام بارگاهه ۾ قرآن پاڪ پڙهيو. محرم ۾ مان مجلسن ۾ به شريڪ ٿيندي هيس ۽ نوحا به پڙهندي هيس. مون کي اڄ ڏينهن تائين ڪورنگيءَ جا ماڻهو شيعا سمجهندا آهن. مدثرا جي شادي جلد ٿي وئي، پوءِ منهنجي شادي ٿي.

رحمت جي سرڪاري نوڪريءَ جي ڪري مان حيدرآباد ۾ پوءِ سڪرنڊ رهيس. مان شاديءَ کان پوءِ رحمت سان گڏ "مُون" سان ملڻ به ويس پر ان ملاقات کانپوءِ وري نه ملي سگهياسين. مدثرا گهر تبديل ڪري ڇڏيو ۽ منهنجي فون به وڃائجي وئي، جنهن ۾ سندس نمبر ۽ نئين گهر جي ايڊريس هئي. مان ڏاڍي ڪوشش ڪئي ته هن جي ايڊريس ملي سگهي پر ڪراچي هڪ اهڙو سمنڊ آهي جنهن ۾ ڪيتريون ئي پياريون ساهيڙيون به جي هڪ ڀيرو ڀُلجي وڃن ته وري ملي نه سگهنديون آهن. مدثرا اڪثر مون کي ياد ايندي آهي. دُعا ڪندي آهيان ته هوءَ مون کي جلد ملي منهنجي ڪتاب ڇپجڻ جي خوشي جيتري مدثرا کي ٿيندي ايتري شايد ئي ڪنهن کي ٿئي............ "مُون" جي ڊائري خبر ناهي ڪيڏانهن وئي، الائي اسان جي لڏ پلاڻ ۾ ڪٿي گم ٿي وئي يا مان اها ڪيس واپس ڏئي آيس....... بهرحال جيئن روبينا ابڙو هن ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکيو آهي ته شعرائن سان تمام گهڻا مسئلا آهن، ڪيترا ئي اڻ ڇپيل ڪتاب هن شهر جي نمڪين گهميل هوائن ۾ اڏامي ويا، ڪيترائي لُڙڪ سمنڊ جي کاري پاڻيءَ جو ٻي رحم حصو بڻجي ويا، ڪيتريون ئي ڪهاڻيون ڪبٽ جي خانن ۾ پئي پئي ختم ٿي ويون ۽ ڪيترائي خط چُلهه ۾ سڙي خاڪ بڻجي ويا..........

پوءِ ڏهين جماعت مان گلشن اقبال جي تمام سٺي اسڪول "عثمانيه پبلڪ اسڪول" مان مڪمل ڪئي. مان انٽر خاتون پاڪستان ڪاليج ڪراچيءَ مان ڪئي ۽ بي اي ۽ اردو ادب ۾ ايم اي ڪراچي يونيورسٽيءَ مان ڪئي. اردو ادب ۾ ايم اي ڪرڻ دوران ئي مون اردوءَ جا ڪلاسيڪل شاعر خواجه مير درد، مير تقي مير، آتش، ناسخ، مومن خان مومن وغيره پڙهيا پر غالب مون کي تمام گهڻو متاثر ڪيو. پوءِ واندڪائيءَ ۾ مان ڊڪشنري رکي ويهي غالب جو مطالعو ڪندي هيس. هاڻ به دل چوندي آهي ته ڪاش زندگيءَ ۾ ايتري فراغت ملي ته مان غالب جو مڪمل مطالعو ڪري سگهان.

امرتا پريتم جي ناولن ۾ ايڪ ٿي انيتا، مون کي تمام گهڻو وڻيو. پوءِ امرتا جا جيترا به ڪتاب (ناول ۽ ڪهاڻيون) مون کي مليا مون پڙهيا آهن. قرت العين حيدر منهنجي پسنديده ناول نگار آهي، جنهن جا

مون تقريبن سڀ ناول پڙهيا آهن، ”آخرِ شب کي هم سفر“ ۽ ”ميري ڀي صنم خاني“ مون کي تمام گهڻو پسند آهن، جيڪي مون وري وري پڙهيا آهن. سنڌي اديبن ۾ شيخ اياز کان پوءِ امرجليل جون مان ڪهاڻيون تمام گهڻيون پڙهيون آهن، سندس ڪهاڻي ”ٽيون وجود“ مون کان وسرندي ئي ناهي. مون ٻيا به ڪيترائي ناول ۽ اڄ جي دور جون سنڌي ڪهاڻيون پڙهيون آهن. اڄ جي دور جي جديد سنڌي شاعري جيڪا امداد حسينيءَ کان احمد سولنگي، حسن درس تائين ۽ حسن درس کان اڄ جي ٻين جديد سنڌي شاعرن تائين سڀني شاعرن جو ڪلام منهنجي مطالعي هيٺ رهيو آهي.

اڄ ڪلهه مان پائلو ڪوهلو جا ناول به پڙهيا آهن، دي ڪيمسٽ ، الظاهر، ويرونيڪا ڊسائيڊيڊ ٽو ڊاءِ، بريڊا، اليون منٽس، شيطان اور لڙڪي ۽ ٻيا ڪوڙ سارا ناول مون پڙهيا آهن، جن مون کي تمام گهڻو متاثر ڪيو آهي. پائلو ڪوهلو هن وقت دنيا جو بيسٽ سيلر ليکڪ آهي. جنهن جون لکڻيون اسان کي ٻڌائن ٿيون ته دنيا ۾ اڄ ڪلهه ماڻهو ڪهڙو ادب پسند ڪن ٿا.

ايم اي کان پوءِ مون پي ايچ ڊيءَ ۾ داخلا ورتي، جنهن لاءِ مان پهريون پنهنجي استاد ڊاڪٽر يونس حسنيءَ کي چيو، جنهن مون کي ڊاڪٽر اسلم فرخيءَ ڏانهن موڪليو. پهرين ملاقات ۾ ئي ڊاڪٽر اسلم فرخي انتهائي محبت ۽ شفقت سان مليو. هُو شيخ اياز جو دوست هيو ۽ مان به پي ايچ ڊي شيخ اياز تي ڪرڻ پئي چاهيان، سر اسلم فرخيءَ منهنجي داخلا وفاقي اردو يونيورسٽيءَ ۾ ڪرائي ۽ پاڻ منهنجو ٽيچر مقرر ٿيو. ايئن مون ڪم شروع ڪيو، منهنجي پي ايچ ڊيءَ جو عنوان هو ” شيخ اياز جي لکڻين ۾ اردو ادب جو تحقيقي ۽ تنقيدي مطالعو“. پوءِ منهنجي شادي ٿي وئي ۽ مان گهريلو حالتن جي ڪري پي ايچ ڊي مڪمل نه ڪري سگهيس، پر منهنجي هاڻي ڪوشش آهي ته مان ٻيهر پي ايچ ڊيءَ ۾ داخلا وٺان. سر اسلم فرخيءَ وٽ هر آچر جو صبح جو ڏهين وڳي اسان پي ايچ ڊيءَ جا شاگرد ايندا هئاسون. ڊاڪٽر فاطمه حسن به انهن ڏينهن ۾ ڊاڪٽر صاحب وٽ پي ايچ ڊي پئي ڪري ۽ اها به اتي ايندي هئي. ڊاڪٽر اسلم فرخيءَ جي گهر اچڻ وڃڻ ڪري انهن سيني

اديبن سان منهنجي دوستي ٿي وئي جيڪي سندس گهر ايندا هئا. ڊاڪٽر فاطمہ حسن سان مان اڪثر اردو اديبن جي پروگرامن ۾ بہ ايندي ويندي هيس. جن مون کي تمام گهڻي عزت ۽ پيار ڏنو. انهن اردو اديبن ۾ سر سحر انصاري منهنجو يونيورسٽيءَ ۾ بہ ٽيچر هئو ۽ بابا جي دوست هجڻ ڪري اسان جي گهر بہ مون کي پڙهائڻ ايندو هو، ان سان اڄ ڏينهن تائين ساڳيا تعلقات آهن، اڄ مان پنهنجي اردو شاعريءَ ۾ ڪائن اصلاح وٺندي رهندي آهيان.

مون کي 2014 ۾ پنهنجي ڳوٺ ويجهو موهن جو دڙو هاءِ اسڪول ۾، هاءِ اسڪول ٽيچرجي سرڪاري نوڪري ملي وئي، جنهن جي ڪري مان ۽ منهنجو پٽ سونو هاڻ ساڳي ڳوٺ ۾ ئي رهندا آهيون، جنهن ڳوٺ ۾ منهنجي ڏاڏي تہ هاڻي ناهي رهي، مگر ڪيترين ئي يادون سلامت آهن.

رحمت ميگزين جي ڪري ڪراچيءَ ۾ رهندو آهي پر گهڻو وقت اسان سان ڳوٺ بہ رهندو آهي. منهنجي زندگيءَ جو خوشگوار، خوبصورت ۽ يادگار لمحو اهو هو، جڏهن مون کي سونو ڄائو. ايڏو ننڍڙو، نازڪ ۽ خوبصورت پُٽ جنهن جو مون تصور ئي نہ ڪيو هو. الله جي مهربانيءَ سان مون کي مليو تہ ان وقت خوشيءَ جو هڪ عجيب احساس ٿيو، سونو تي ڇٺيءَ جو نالو هن جي ڏاڏي مير محمد پيرزادي غلام محمد پيرزادو رکيو آهي. پر اسان پيار مان هن کي سونو چوندا آهيون. سونو منهنجي لاءِ الله جي هڪ نعمت ۽ رحمت آهي، جنهن کي ڏسي مان جيئندي آهيان. هو تمام ذهين ۽ حساس ٻار آهي. هاڻ تہ ماشاء الله ڏهن سالن جو آهي پر ننڍڙو هوندو هو تہ بہ مون کي گهڻو سمجهندو هو. هاڻ تہ هو مون سان دوستن وانگيان هوندو آهي. سونو کي ڏاڏاڻن ۽ ناناڻن جو تمام گهڻو پيار حاصل آهي، هو اسان جو سڪيلڌو ٻار آهي. هُن جي انگريزي تمام سُٺي آهي ۽ هاڻ تہ ننڍا ننڍا نظم ۽ شارٽ اسٽوريز بہ انگريزيءَ ۾ لکڻ شروع ڪيا اٿئين.

سونوءَ کي موهن جو دڙو جي تهذيب ۽ رهڻي ڪهڻي ۽ تاريخ سان دلچسپي آهي، هو انگريزيءَ ۾ موهن جو دڙو تي ڇپيل ڪتاب پڙهندو آهي ۽ مون کان اڪثر پڇندو آهي تہ امي موهن جو دڙو ڪيئن

تباهه ٿيو ۽ هن جي ٻولي چو ٿتا سمجهي سگهون وغيره وغيره. مان خدا جا لک لک شڪر ادا ڪندي آهيان تہ هُن مون کي سونو جهڙو خوبصورت ۽ ذهين پُٽ عطا ڪيو.

مان پنهنجي ماءُ سان گهڻي Attached رهيس، جڏهن امان تمام گهڻي بيمار هئي ۽ منهنجي شادي ٿي مان سڪرنڊ رهندي هيس تہ مان امان جي طبيعت پڇڻ لاءِ ڪراچي آيس. مون کي امان چيو تہ توسان گهڻيون دل جون ڳالهيون ڪرڻيون آهن پر اگر زندگي رهي تہ ڪنداسي.... مان موٽي سڪرنڊ آيس ۽ ٻئي ڏينهن تي منهنجي امان جي فوتگي ٿي وئي ۽ هُن ڪي مون سان جيڪي ڳالهيون ڪرڻيون هيون سي هُن جي دل ۾ ئي رهجي ويون، هوءَ مون کي اهڙو درد ڏئي وئي، جيڪو شاعري بڻجي منهنجي دل مان ڦٽي نڪتو....

ماءُ جي وڇوڙي جو درد هر ڪوئي سهندو آهي پر منهنجي ماءُ زندگيءَ ۾ جيڪي ڏک ڏٺا، انهن مون کي خوش رهندي ۽ خوشحال زندگي گذاريندي بہ خوش رهڻ نہ ڏنو آهي، ”اداسي“ بہ ان ڏکَ جو هڪ پڙلاءُ آهي....

مون ننڍپڻ کان ئي هڪ علمي ۽ ادبي ماحول پنهنجي گهر ۾ ڏٺو. بابا جا ڪتاب تمام گهڻا هوندا هئا. ٻيو بابا کي ميوزڪ سان بہ دلچسپي هوندي هئي. هو سٺا Tap Records وٺي ايندوهو، جنهن ۾ جگجيت چترا ۽ لتا جا گانا ٻڌندو هو. اسان وٽ هميشہ هڪ سُٺو ريڊيو پڻ هوندو هو، منهنجي ماءُ ريڊيو تي سنڌي ڪلام ۽ خبرون ٻڌندي هئي. ايئن علمي ادبي گهر ۾ منهنجي سڄي پرورش ٿي. بابا مون کي سيکاريو تہ مان هڪ انسان ۽ آزاد انسان آهيان. هڪ ڇوڪري سمجهي هن ڪڏهن بہ منهنجي پرورش نہ ڪئي، ڇو تہ هو عورت ۽ مرد ۾ فرق ڪرڻ جو قائل نہ آهي.

شاعري مون کي ورثي ۾ ملي، منهنجو ڏاڏو بہ شاعر هو تہ منهنجو نانو بہ شاعر هو. منهنجي ناني ۽ رحمت جي ڏاڏي رحمت الله پيرزادو (جنهن جو نالو رحمت تي رکيل آهي) جو هڪ ڪتاب ڇپيل آهي، هي شاعري جو ڪتاب قصائد پاڪ آهن، جيڪي هن پنهنجي مرشد جي شان ۽ عشق ۾ لکيا.

مان پنهنجي زندگيءَ ۾ جن ماڻهن کان متاثر آهيان، انهن ۾ انور پيرزادو سرِ فهرست آهي، ايڏو خوبصورت، ذهين ۽ بااخلاق ماڻهو مان پنهنجي زندگيءَ ۾ ٻيو ڪو بہ ناهي ڏٺو. سندس اوچتي وڇوڙي کي ذهن ۽ دل اڃا تائين قبول نہ ڪري سگهي آهي.

شاعريءَ ۾ منهنجو پهريون استاد تہ منهنجو بابا ستار پيرزادو ئي آهي، پر شاديءَ کان پوءِ رحمت منهنجي تمام گهڻي حوصلا افزائي ڪئي، رحمت منهنجي زندگيءَ ۾ منهنجي پنهنجي خواهش ۽ منهنجي ماءُ جي خواهش جي ڪري آيو. رحمت سان منهنجي شادي منهنجي ماءُ جي وڏي خواهش هئي. ڇو تہ رحمت هن جي اڪيلي ڀاءُ مير محمد پيرزادو جو وڏو پٽ هو ۽ رحمت تي هُن جي پيءُ جو نالو بہ هو. رحمت زندگيءَ جي رڻ ۾ منهنجي لاءِ هڪ ڇانورو آهي. رحمت منهنجو سٺو دوست پڻ آهي. مان پنهنجو ڏک، سک ۽ Feelings هن سان Share ڪندي آهيان تہ محسوس ڪندي آهيان تہ هو مون کي مون کان وڌيڪ سڃاڻندو آهي.

چوڻي آهي تہ هڪ ڪامياب مرد جي پويان هڪ عورت هوندي آهي، پر منهنجي هر ڪاميابيءَ جي پٺيان هڪ ئي مرد آهي ۽ اهو رحمت پيرزادو آهي. مان پاڻ کي خوش قسمت سمجهندي آهيان تہ رحمت منهنجي زندگيءَ ۾ شامل آهي.

منهنجي زندگيءَ ۾ هڪ وڏي تبديلي تڏهن آئي، جڏهن 2014 ۾ مون کي JST Teaching جي نوڪري پنهجي ڳوٺ جي اسڪول موهن جو دڙو هاءِ اسڪول ۾ ملي ۽ هاڻي نوڪري جي ڪري مان ٽن سالن کان پنهنجي ڳوٺ ۾ رهان ٿي.

ڳوٺ جيڪو شروع کان ئي منهنجي شاعريءَ جو استعارو رهيو آهي. هاڻ هن ڳوٺ جا خوبصورت صبح ۽ حسين شامون، سڀ خوبصورت نظارا، موهن جي دڙي جي خاموشي، سارين، پلي، ڦوٽن، ٻيرن ۽ سرنهن جي پوک ۽ ان جي خوشبو منهنجي شاعريءَ جو حصو آهن. ايئن ئي هتي جي ماڻهن جا سڀ ڏک، سور ۽ تڪليفون بہ منهنجي دل ۽ روح کي زخمي ڪري منهنجي شاعريءَ جو حصو بڻجن ٿيون.

شاعري کي مون هميشہ پنهنجي زندگيءَ جو اهو حصو سمجهيو

آهي، جنهن کانسواءِ زندگي مون لاءِ بي معنيٰ آهي. مون لاءِ شاعري هڪ خودڪلامي آهي، پنهنجي جذبن، خيالن، احساسن ۽ سوچن کي لفظن جو روپ ڏئي جڏهن ڪاغذ تي لکندي آهيان تہ دل جو بار ايئن هلڪو ٿي ويندو آهي، جيئن ماڻهوءَ ڪنهن ويجهي دوست سان پنهنجي دل جو حال اوري هلڪو ڦلڪو محسوس ڪندو آهي. جڏهن پڪي منهنجي اگڻ ۾ لهي ايندا آهن، شام جا رنگ گهرا ٿيندا آهن يا جڏهن سياري ۾ ڪوهيڙو هر منظر کي ڌنڌلائي ڇڏيندو آهي، جڏهن مهين جي خاموشيءَ ۾ ڪنهن بين جو آواز ايندو آهي، يا جڏهن ڪوئي ٻڪرار چوڪرو سرد سياري ۾ ٻڪريون ڪاهي جهنگ ڏي ويندو نظر ايندو آهي تہ منهنجي دل مان نظم ڦٽي نڪرندا آهن، جيڪي منهنجي روح کي سيراب ڪري ڇڏيندا آهن، پر فيض چواڻي تہ:

اڪ ڪڙا درد ڪہ جو گيت مين ڍلتا هي نهين
دل ڪي ويران شگافون سي نڪلتا هي نهين

مون کي بہ ايئن ئي محسوس ٿيندو آهي تہ دل جي ويراني ۽ اداسيءَ کي اڃا تائين بہ لفظن جو لباس نہ پهرائي سگهي آهيان.

”اداسي“ ۾ منهنجي زندگيءَ جا مختلف رنگ آهن، مان ڇا سوچيو، ڇا محسوس ڪيو، منهنجا ڏک، سور ۽ منهنجي محبت جا سڀ رنگ هن ڪتاب ۾ موجود آهن. مون کي انتظار رهندو تہ پڙهڻ وارن کي هي ڪتاب ڪيترو ٿو متاثر ڪري پر جيڪڏهن هن ڪتاب ۾ موجود منهنجو هڪ شعر بہ ڪنهن جي دل کي ڇهي ٿو وڃي تہ ان کي مان پنهنجي ڪاميابي سمجهندس.

منهنجي شاعري جيئن جيئن ماڻهن تائين پهچندي وئي، پهرين اخبارن وسيلي، پوءِ سوشل ميڊيا ذريعي تہ سنڌ جي ماڻهن مون کي تمام گهڻو پيار ڏنو. شاعرن ۽ اديبن مون کي ساراهيو، منهنجي حوصلا افزائي ڪئي ۽ مون کي وڌيڪ لکڻ لاءِ اتساهيو. ماڻهن مون کي ايتري تہ عزت ۽ محبت ڏني آهي، جو مان پاڻ کي ان قابل سمجهان ئي نہ ٿي، اهو سنڌ جي ماڻهن جو اڻ مئيو پيار، پنهنجائپ ۽ خلوص آهي، جو مون جهڙي ڪچي ڦڪي شاعري ڪندڙ کي بہ اکين تي ويهاريو اٿن. مان اهو پيار ڏسي وڌيڪ محنت ڪندي آهيان تہ جيئن وڌ کان وڌ سُٺي شاعري

ماڻهن تائين پهچي سگهي.

پنهنجي ڪتاب تي لکڻ لاءِ مان سائين امداد حسينيءَ جي تمام گهڻي ٿورائتي آهيان. منهنجي ڪتاب تي تفصيل سان ادي روبينا ابڙو لکيو هو پر مون سائين امداد حسيني کي فون ڪري چيو ته ”سائين پلهڙيجيءَ جي پيرزادن جو ڪتاب هجي ۽ توهان جي راءِ شامل نه هجي، ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي، جيڪڏهن توهان نه لکيو ته مون کي ائين لڳندو ته منهنجي ڪتاب ۾ ڪا گهڻتائي رهجي وئي آهي“.

سائين منهنجي ڳالهه ٻڌي کلي چيو ته مان ضرور لکندس. پوءِ سائينءَ منهنجي شاعريءَ تي لکي ڏنو ۽ ايڏو خوبصورتيءَ سان لکي ڏنو جو ڪوئي به ٻيو منهنجي شاعريءَ کي ائين محسوس ڪري، سمجهي، پرکي ۽ باريڪبينيءَ سان نه لکي ڏئي سگهي هان.

سائين امداد حسيني ۽ منهنجو پهريون گڏ مشاعرو پي ٽي وي تي هڪ عيد مشاعرو هو، جتي سائين امداد حسينيءَ مون کي پهريون دفعو ٻڌو. مشاعري شروع ٿيڻ کان اڳ مون رحمت کي چيو ته مان سائين امداد حسيني ۽ احمد سولنگيءَ جي اڳيان قطعي شعر نه پڙهنديس. توهان پليز پروڊيوسر (ادي ماهين هيسباڻي) کي چئو ته منهنجو نالو لسٽ مان ڊاهي ڇڏي. رحمت چيو ته تون آئي آهين ۽ توکي شعر به پڙهڻو آهي، مان تمام گهڻي نروس هيس، پر جيئن تيئن ڪري پنهنجو هڪ غزل ”اسان جي زندگي ته بس اوهان جي آس پاس آ“ ۽ هڪ گيت ”تون ته رهين ٿو دور او ساجن تون ته رهين ٿو دور“ پڙهيم، سائين امداد ۽ ٻين سيني ڏاڍو داد ڏنو. ان مشاعري ۾ ادا اياز جاني به موجود هو. ان مشاعري کانپوءِ سائين امداد حسيني مسلسل منهنجي اصلاح ۽ رهنمائي ڪئي. مان نثري نظم لکندي هيم، سائين مون کي منع ڪيو ۽ چيائين ”سنڌو تون پهريون پابند شاعري ڪر پوءِ نثري نظم لکجانءِ“.

ائين سائين امداد جي اصلاح ۽ رهنمائي مون کي اڄ ڏينهن تائين حاصل آهي، جڏهن به مان ڪنهن ڳالهه ۾ منجهندي آهيان ته سائين کي فون ڪندي آهيان ته سائين انتهائي شفقت سان منهنجي اصلاح ڪندا آهن. خدا سائين امداد کي وڏي ڄمار، صحت ۽ تندرستي عطا ڪري. آمين...

ادي روبينا ابڙو انهن شاعرن مان آهي جن جي شاعري مون کي تمام گهڻي پسند آهي، مان خاص طور تي سندس نظم کان گهڻو متاثر آهيان. ادي روبينا مون کي سدائين پنهنجي ننڍي ڀيڻ وانگر ڀائيون آهي، مون کي خوشي آهي تہ منهنجي شاعريءَ جي پهرئين ڪتاب جو مهاڳ جديد سنڌي شاعريءَ جي نمائنده شاعرا ادي روبينا ابڙو لکيو آهي، جنهن لاءِ مان سندن تمام گهڻي شڪر گذار آهيان. مان ادا احمد سولنگيءَ جي پڻ تمام گهڻي شڪر گذار آهيان جنهن مون کي هن ڪتاب جو بيڪ ٽائيٽل شارٽ نوٽيس تي لکي ڏنو، اهي ماڻهو اصل ۾ ادب شناس ۽ تخليق بابت قدردان آهن، جن وٽ پنهنجي مصروف زندگيءَ ۾ بہ ادب لاءِ هڪ خاص مَقام آهي.

ريڪلڪون پبليڪيشن جي پڻ مهرباني جن منهنجي شاعريءَ جو پهريون ڪتاب ڇپرائي پڌرو ڪيو ۽ پنهنجي ننڍي ڀاءُ عبدالجبار پيرزادي جي بہ وڏي مهرباني، جنهن ڪتاب جي ڪمپوزنگ ۾ حصو ورتو آهي. زندگيءَ ۾ جن دوستن ۽ رشتيدارن جو ساٿ ۽ محبت حاصل رهي، انهن ۾ منهنجو ننڍو ڀاءُ سارنگ پيرزادو، ڀاڄائي تانيا پيرزادو، منهنجي ڀيڻ صوفيا پيرزادو ۽ منهنجي پياري دوست صائمہ قريشي شامل آهن، جن جو ساٿ ۽ محبت زندگيءَ جي تتل رڻ ۾ ٿڌيءَ ڇانوَ جيان آهي.

مان پنهنجو هي ڪتاب پنهنجي بابا ستار پيرزادي جي نالي ڪيو آهي، جنهن سان منهنجو روح جو رشتو آهي، مان ڪڏهن بہ بابا کي نہ ٻڌائي سگهي آهيان تہ مون کي انهن سان ڪيترو پيار آهي، جيڪڏهن بابا منهنجي سٺي تربيت نہ ڪري ها ۽ اعليٰ تعليم نہ ڏياري ها تہ اڄ مان بہ هڪ عام عورت جيان رڳو گهر تائين محدود هجان ها. بابا مون کي شناخت ۽ خودشناسي ڏني. الله کيس وڏي ڄمار ڏئي تہ جيئن سندس ڇانورو سدائين اسان تي رهي.. آمين...

سنڌو پيرزادو
ڳوٺ ٻلهڙيجي
31 آڪٽوبر 2017

# أداسي



## غزل

اداسي ياد جي چادر وري اوڍي رهي آهي،
هزارين خواهشون آهن، جواني بي ڇئي آهي.

اڃا ڀي سارَ ساڃَيءَ ساڻ ڪو پل واسجي ويو آ،
اڃا ڀي دل اندر جانان ڪائي خواهش پئي آهي.

هي ڪنهن جي ياد سان تي ويا گلن جا رنگَ سڀ گهرا،
۽ ڪنهن جي نانءَ سان هي شام تي وئي چمپئي آهي.

سوا تنهنجي اسان جي دل صفا ويران ڄڻ صحرا،
نہ ان ۾ ڪُو پکي آهي ، نہ ان ۾ ڪو پهي آهي.

ڪڏهن نوري، ڪڏهن سسئي، ڪڏهن مومل ، ڪڏهن سهڻي،
انهن سمجهيو زماني کي، محبت آگهي آهي.

# ڏنڌ آ مگر گهرو

ٻاهريون سڄو منظر
ڏنڌ ۾ وڪوڙيل آ-
هرِ طرف سياري جي
ٿڌِ هارجي وئي آ.
ڇڻ دري ٻہ ڪمري جي
برف ۾ ڄمي وئي آ!
وڻ سڀ هي ساوا،
ماٺ منجهہ بيٺا هن.
دور ڪي ئي ٻڪريون هن،
ٻار جيڪي چاري ٿو-
پيرُ پيرَ ۾ تن جو،
ڇڻ رليءَ جو ڪڻُ آهي،
ٻار لئہ سڄي دنيا
ڇڻ تہ ڪوئي ڏڻُ آهي!!
سيءُ هي ڊسمبر جو
ٻار کي ستائي ٿو-
ڏنڌ آ مگر گهرو.
ڪاٺ جا ڪريل ٽُڪرا
چانگ جون سُڪل ڪانيون،
ڀنَ وڻَ جا ميڙي-

باھہ کي ڏئي ڦوڪون
نيٺ ھُو جلائي ٿو،
ھَٿ پنھنجا سيڪي ھُو
بانسري وڄائي ٿو!!
دُور ٿورڙو اُن کان
اسپتال سرڪاري
ڄڻ اُجاڙ گھر آھي.
ماٺ ٻار ڇاول جي
ڄڻ تہ ڪائي رڙ آھي.

آئون پنھنجي ڪمري کان
ٿي ڏسان پئي ٻاھر
برف جھڙو منظر آ،
مَگُ ڇانھہ جو ٿاھي-
ڪو ڪتاب ڪوليان ٿي
جنھن ۾ شاعري آھي،
ڄڻ تہ منھنجي ڪمري ۾
باھہ ڪا ٻري آھي.

## ڊسمبر جو سانيٽ

ڪوهيڙي ۾ هير گهلي ٿي،
هلڪي هلڪي بارش پئي ٿي،
هيل ڊسمبر جي هيءَ سردي
اندر ۾ ڇڻ اوتيل آهي.
تارِ وڇوڙي جا هي بادل
گهرا گهرا ڪارا آهن،
دل جي آگر ٿي هي اُڏريا
ياد جا پنڇي سارا آهن،
هيءَ جدائي برف جيان ڇڻ
منهنجي دل تي برسي ٿي پئي،
يادن جي ڪا نيري چادر
ساري منظر اوڙهي آهي،
وقت ٻڌي جا ڳنڍ هئي سا
سرد سياري ڇوڙي آهي.

## گيت

جاڏي وکَ وڌائين ٿي،
رستن کي مهڪائين ٿي!
گوري ڇو شرمائين ٿي!

جوت جواني جر جر جرڪي
اک اک کي تون ڳهائين ٿي،
دل دل جي ڇا لئہ ڌرتي تون!
پاڻيءَ وانگر پائين ٿي؟
گوري ڇو شرمائين ٿي!

نيل ڪنول جيان جل ۾ اوجل
چندبہ گگن ۾ پيتل پيتل،
ڏُور نديءَ ۾ ڪنهن جي ٻيڙي،
روح ائين ريجهائين ٿي،
گوري ڇو شرمائين ٿي!

تمراڻين جي تنبُوءَ اندر،
تنبوري جي تار ٻُري ٿي،
پل ۾ پورو پيار گهُري ٿي،
جيئن جيئن ڦيريون پائين ٿي،
گوري ڇو شرمائين ٿي!

خوشبو خوشبو رات بڻي آ،
ٻاهر ڪا برسات پئي آ،
ڪيڏي ٽڏڙي هيرَ گهُلي ٿي
ٻانهن گجرا پائين ٿي
گوري ڇو شرمائين ٿي!

## اسان جو ڳوٺ وارو گهر

جنهن ۾ ٽهڪڙيان ٽهڪ هوندا ها
اڄ ان گهر ۾ خاموشي آ!
خوشين جا ها ڪوڙ خزانا،
ات ويراني ڇانيل آهي.
هن گهر کي اڄ تالو آهي
آڳر تي مان تنها ويٺل،
يادن جي برسات پئي ٿي.
ننڍپڻ جا پل ياد اچن ٿا،
آڳر جنهن تي ويراني آ،
ڪٿن ساڻ ڀريل هوندو هو،
منهنجي گهر جا ڀاتي سارا
رات جو سندر چانڊوڪيءَ ۾
هن آڳر تي ئي ويهندا هئا،
جن جا ٽهڪ، ڪچهريون ساريون
دور دور تائين پڌبيون هون.
آڳر پرسان ٽالهيءَ جو وڻ،
جنهن جي پويان چانڊوڪيءَ ۾
پورو چنڊ مٿي ايندو هو،
اڪثر مون کي گهوريندو هو،
اڄ هي وڻ پڻ تنها آهي،

ويرانديو ۽ ڪمرا مون کي
ڇڻ تہ نهاري دانهين تا پيا،
هن گهر جا سڀ ياتي آخر
هڪ هڪ تي ڪيڏانهن هليا ويا!
گهر جي بلڪل سامهون جيڪا
هڪڙي ننڍڙي کوهي هئي سا،
جنهن جي جر جو تازو پاڻي
پيئندي ننڍپڻ گهاريو هو مون.
ان جو ڪو نيشان نہ آهي!
گهر جي پويان گودر پرسان
وڏڙن جي اوطاق هئي جا
سا بہ تہ هاڻي باقي ناهي!
آڳر ڪان ويراندي تائين
۽ ويراندي ڪان ڪمري ۾،
ٽالهيءَ وڻ جي اوسي پاسي،
ڪيڏيون رانديون ڪيڏيون هون مون،
۽ سياري ۾ چُلهہ تي ويهي،
پنهنجي پوڙهيءَ ڏاڏيءَ ڪان مون
ڪيڏيون آکاڻيون ٻڌيون هون!
اڄ اُت تنها مان سوچيان تي
ڇو هن گهر کي تالو آهي؟
منهنجي ننڍپڻ جا سي پل ۽
منهنجي جوانيءَ جون سي راتيون،

ڇڻ هن گهر ۾ گروي آهن!!
نيٽن مان ڪي لُڙڪ ڪرن ٿا
۽ هن دل ۾ درد ڏُکي ٿو،
خيالن ۽ خوابن مان نڪري
آخر مان پُنتي موٽان ٿي،
گهر جي در ڪي بند ڏسان ٿي،
مون ڪي هاڻي شهر سڏي ٿو،
پر هن دل جو ڇڻ ڪو حصو،
ڳوٺ وساري واپس ٿيان ٿي!
دل جي ناول جو ڇڻ ڪوئي
باب وساري مان موٽان ٿي،
ڳوٺ اُهو ڇڻ ننڍپڻ جو ڪو
خواب وساري مان موٽان ٿي!!

# غزل

اسان جي ذات ساري تـوڙي آهـي سـبـزازاريءَ ۾،
رلي ٿو روح پر پياسو پيو هي ٿـر جي واريءَ ۾.

هوا تي بيخودي ڇانيل وڻـن تـي ياد کـا هاريـل،
اوهـان جـي آجـيـان آهـي فضـا ۾ ۽ بـهـاريءَ ۾.

اڪيلائي، انڌيري رات، هي ويران گهر منـهـنجـو،
ٻرن ٿا نيڻ اڄ تـنـهـنـجـي اچڻ جي انـتـظاريءَ ۾.

اسان جون چاهتون سيئي اوهان جي نانءَ ئي جانان!
اجـارو پـيـار جـو بـادل بـہ آهـي بـيـقـراريءَ ۾.

سمورا قول چاهت جا انوکا عشـق جا سـڀ رنـگ،
اوهان جي لاءِ ئي آهن اسان جي دل جـي ٻـاريءَ ۾.

# ڏُهري

اکڙيون تاسيون تاسيون تو لئہ،
دل جي ڌرتي صحرا صحرا،
تون ئي ميگهہ ملهار،
آءُ هلي هڪ وار!

ڄڻ تہ هوا ۾ خوشبو آهي،
پيلا پيلا وڻ هي سارا،
پن ڄڻ ايئن وري آ ساجن!
سارا منظر پيلا پيلا،
پيلي تنهنجي سارَ،
آءُ هلي هڪ وار!

هيل هوا ڄڻ پاڳل آهي،
سارا پن ڇڻي ويا آهن،
عريان عريان وڻ ٿيا هن،
ڄڻ تہ اُداسي ڇانيل آهي،
مند بہ ڄڻ ڪا تنها تنها
هيڪل هيسيل ناري آهي،
ساري تنهنجو پيار
آءُ هلي هڪ وار!

# Labor Day

سرن ٺاهڻ، گارو ڍوئڻ
۽ لوهه ڪُٽڻ وارن
اڄ پنهنجو پنهنجو ڪم ڪيو!
ڪيترن ئي ڪارخانن، مِلُن ۽
نئين ٺهندڙ عمارتن
۾ به ڪم جاري رهيو!!
گند ميڙڻ ۽ ٻُهارڻ وارن
به اڄ پنهنجو پنهنجو ڪم ڪيو.
گهرن ۾ ڪم ڪندڙ مايون
صرف آچر تي موڪل ڪري سگهن پيون
۽ اڄ آچر نه هو!
اڄ صرف آفيسون بند هيون،
۽ آفيسرن کي
مزدورن جي عالمي ڏينهن جي
موڪل هئي!

## ٿر جو نوحو

أهـا ئـي بُـکَ سـاڳـي آ،
صـديـن کـان اُج سـاڳـي آ،
أهـي ئـي ڏُکَ مـارُن جـا،
صـديـن کـان رُڃَ سـاڳـي آ.
اڄـا يـي مـارئـي ٿـر جـي،
پري ٿي کوهہ تان پاڻي!
جـلـن ٿـا پـيـر واريءَ تـي،
وجـن ٿـا دور پـاڻـيءَ لـئـہ.
أهـائـي بُـکَ، بـيـمـاري،
سُـکـائـي رَڻُ تـي ٿـر جـو.
وري اڄ ڦـول صـحـرا جـا
ويـا کـومـائـجـي آهـن.
هي اڄ پيي ڏُکَ پاڻيءَ لئہ
دوا جـي لاءِ، مـانـيءَ لـئـہ،
تکن ٿيون مائرون ويئيون.
اهـي خـيـرات جـي مـانـي
کڏهن پيي کين کائيندين!
اسـان ائـٽـم جـا بـم، گـولا،
سوين توبون بہ ٺاهيون پر
کوئي رستو نہ ٿا ٺاهيون،

پُڄائي جيڪو پاڻيءَ کي،
مِٽائي بُکَ کي جيڪو!
بچائي ٻارڙن کي جو!!
اڃا ٻي روح ۾ ٿر جي
ڪئين دردن ڪهاڻيون هن،
اڃا ٻي مارئي ٿر جي،
پري ٿي ڪوهه تان پاڻي...

## غزل

چو موسم سرد آهي ۽ اداسي هر طرف ڇانيل،
ڪو دل ۾ درد آهي ۽ اداسي هر طرف ڇانيل.

مسافر رات آهي ۽ رُلي تو روح پيو رڻ ۾،
آواهہ گرد آهي ۽ اداسي هر طرف ڇانيل.

هوا هي مُند پن ڇڻ جي ڇڻيا ڪي پن پيا آهن،
زمين تي زرد آهي ۽ اداسي هر طرف ڇانيل.

اسُر جي ويل هي آهي، پئي آ ماڪ گلڙن تي،
وڻن ۾ ورد آهي ۽ اداسي هر طرف ڇانيل.

سڪون مون کي ڪٿي ناهي عجب جي بيقراري آ،
صنم بي درد آهي ۽ اداسي هر طرف ڇانيل.

# غزل

اسان جي زندگي تہ بس اوھان جي آس پاس آ،
اسان جي ھر خوشي تہ بس اوھان جي آس پاس آ.

توھان نہ آھيو اگر تہ ساز سڀ نہ ٿا وڄن،
اسان جي راڳڻي تہ بس اوھان جي آس پاس آ.

ستم ڪيو، ڪرم ڪيو، جفا ڪيو، وفا ڪيو،
اسان جي دل رھي تہ بس اوھان جي آس پاس آ.

اوھان جي ٽھڪ سان ملي عجيب ھڪ نئين خوشي
اسان جي مرڪ ئي تہ بس اوھان جي آس پاس آ.

اوھان جي ھڪ نظر ڪيو سوين پيا ڪرم ڪيو،
اسان جي تازگي تہ بس اوھان جي آس پاس آ.

رڱو آ ٻاٽ چئوطرف تہ زندگيءَ جي راھہ تي،
اسان جي چاندني تہ بس اوھان جي آس پاس آ.

خيال سڀ سُڪوت ۾ ۽ لفظ لفظ ماٺ آ،
اسان جي شاعري تہ بس اوھان جي آس پاس آ.

## وائي

شام جڏهن گهري ٿي آهي
منهنجي اندر کو گونجي ٿو،
ڇڻ ته سمندر کو گونجي ٿو!

ناسي نيڻ نديءَ جا گهرا،
من جو مندر کو گونجي ٿو،
ڇڻ ته سمندر کو گونجي ٿو!

پيار پهاڙن ۾ ورجائي،
پٿر پٿر کو گونجي ٿو،
ڇڻ ته سمندر کو گونجي ٿو!

رُوح ستارو ويراني ۾،
مست تونگر کو گونجي ٿو،
ڇڻ ته سمندر کو گونجي ٿو!

چانڊوڪيءَ ۾ رُوپ پريَنءَ جو
نيرو ساگر کو گونجي ٿو،
ڇڻ ته سمندر کو گونجي ٿو!

## هي سال پڻ هليو ويو

هي زندگي حقيقت
يا خواب وانگيان آ،
هو دور ڪِير رَڏارا
ڪنهن پار ڏي وڃي ٿي،
جو مون ڏٺو نہ آهي
۽ چمڪندڙ ستارا
ڪنهن راهہ جا مسافر
۽ خواب جي اکين مان
جڻ رات آهي هاريل،
جنهن ۾ وجود سارو
ٿو پٽڪندو رهي پيو
ڪنهن ياڳ مان پليو آ.
ڪنهن چنڊ جو تہ چهرو
ڪو پل روشني آ
هي مختصر حياتي
جڻ ڪو حسين وڻ آ
۽ وقت ڪو پکيئڙو
ڪو ڪاٺ جو ڳنيئڙو
پل پل ٺڪي رهيو آ

تو شاخ شاخ ڪوري،
هي لام لام جيون
ٽٽندا رهيا ستارا، ·
آهي ٻه يا نه آهي
هُو دور ڪير ڏارا!
هر سال وانگيان ئي
هي سال پي هليو ويو،
ڪا سارَ ساهمي آ!
بس درد دائمي آ!
بس درد دائمي آ!!

## اڄ اُداس آهيان مان!

ڏُور ڏُور چانڊوڪي،
ڪيتري نہ پياري آ،
روشني ستارن جي
هيٺ سرد واري آ،
اڄ اُداس آهيان مان!

ڪيتري ٿڌي آهي،
هي هوا سياري جي،
ياد ڪا تري ٿي پئي،
سمنڊ جي مناري جي،
اڄ اُداس آهيان مان!

ڪا وقت پيو مون کي
ياد تنهنجي آئي آ،
دل تہ منهنجي سيني ۾،
ڪيتري پرائي آ،
اڄ اُداس آهيان مان!

تون هليو وئين آخر
هر خوشي رُسي وئي آ،
هيءَ مُند سياري جي
ڇڻ تہ ٿي ٻُسي وئي آ،
اڄ اُداس آهيان مان!

## اُداسي

ٺهڪ منهنجا خالي هن
تن ۾ ڪا خوشي ناهي
هاءِ هيءُ دل منهنجي
ڪيتري لُڇي آهي،
اڄ اُداس آهيان مان!
رات هيءُ سياري جي
ڪيتري نہ سرد آهي
ڪيئن لڪانس لفظن ۾
زندگي جا درد آهي،
اڄ اُداس آهيان مان!

## جُدائيءَ جي طويل رات!

ٻن پهرن کان پوءِ
گهري گهري چانوَ
وڻي رهي آهي.
گُلريل بهار جا
ساوا پن ۽ ڳاڙها گُل
اجا وڻن ۾ جهومي رهيا آهن-
آهستي آهستي
آسمان تي شفق جا رنگ
ڦهلبا ٿا وڃن،
پکي پنهنجن پنهنجن آکيرن ڏانهن
اُڏري رهيا آهن-
پر! ........
جدائيءَ جي هڪ طويل رات
منهنجي منتظر آهي!!

# صبح جو ستارو

منهنجي اندر ۾ هاڻي
اوندهہ رهي نہ آهي،
ڪنهن ياد جا ستارا
روشن رهن تا سارا
ڪيڏو وشال چاهت
جو آسمانُ آهي-
پر ذات منهنجي ساري
ڪو صبح جو ستارو!
هن وقت ڪي مان روڪيان!
هي ويل ڪيئن جهليان مان؟
جنهن وقت او پرين تون!
مون ساڻ گڏ رهين تو
سو وقت روشني آ-
سو وقت هر خوشي آ-
سو وقت چاندني ۽
آ سونهن جو نظارو-
پر ذات منهنجي ساري
ڪو صبح جو ستارو!

# غزل

پئي آ بارش ڪچي اگڻ تي، هُڳاءُ من ۾ ٿري رهيو آ،
اُداس نيڻن جي آرسين مان ڪو خواب دل ڏي وري رهيو آ.

ڪٿي اُهي خواب پريسٽ جا ۽ ڪٿي سمبارا جو رقص آهي!
موهن دڙو هي سدائين مون لئه اُداس دل جي دري رهيو آ.

سوا اوهان جي حيات مون لئه اياڳ جو ڇڻ ڪوئي انڌيرو،
اچڻ اوهان جو هميشہ مون لئه سياڳ جي ڪا پري رهيو آ.

اجا بہ دل جي اُداس رڻ تي اوهان جي يادن جا قافلا هن،
اسان جي من جو گهمنڊ سارو تہ ميڻ وانگر ڳري رهيو آ.

اوهان ڪي چاهت منجهان ڏسي ۽ اسان هلياسي جو موڪلائي،
اسان اڄ پي اڪين ۾ سنتو اُهو ئي لمحو ٻري رهيو آ.

# غزل

تنهنجي پار ڏي منهنجا پرين چو ڪو پنڪ تي مان اڏان نہ ٿي،
تنهنجي عشق ۾ تنهنجي چاهہ ۾ ڪو پتنگ تي چو جلان نہ ٿي.

تون جي دور آن تو لڳي مون کي تون اجان بہ دل جي قريب آن!
تنهنجي ويجهڙو بہ رهي پرين، چو مان خوش ڪڏهن ٿي کلان نہ ٿي.

ويون نفرتون هي وڪوڙجي، هر دل مٿان چڻ ول جيان،
ٿي اجا چوين تون سکي مون کي، تہ مان چاهہَ سان چو ملان نہ ٿي.

وئي تيز ٿي آ حيات ۽ نہ ڪا پاڻ لئہ آ گهڙي بچي،
ايئن بي سبب، ايئن بي وجهہ، چو مان تو سان گڏجي رلان نہ ٿي.

تنهنجي راهہ بس، تنهنجي چاهہ بس، منهنجي دل کي ئي آ تباهہ ڪيو،
تنهنجي در طرف هي وڌيل قدم چو مان راهہ اڄ هي پلان نہ ٿي.

# گيت

## اسٽوپا جو جادو

صدين جي تاريخ لڳي جڻ،
منهنجي اکڙين آڏو آهي،
مُهين تي وسڪارو آهي،
جل ٿل منظر سارو آهي!

چيڪي مٽيءَ جي هن خوشبوءِ
منهنجو من مهڪايو آهي،
مُهين تي وسڪارو آهي،
جل ٿل منظر سارو آهي!

ڪنير جي ٻالڪ جي هٿ ۾،
مٽيءَ جو رانديڪو آهي.
مُهين تي وسڪارو آهي،
جل ٿل منظر سارو آهي!

سنڌوءَ ۾ هڪ ٻيڙي آهي،
ٻيڙيءَ منجهه مُهاڻو آهي،
مُهين تي وسڪارو آهي،
جل ٿل منظر سارو آهي!

شاهہ جمال تي راڳ هلي پيو،
ڳوٺ پريان ٻلهڙيجي آهي،
مُهين تي وسڪارو آهي،
جل تل منظر سارو آهي!

هن منظر کي معنيٰ ڏيندڙ،
اسٽوپا جو جادو آهي!
مُهين تي وسڪارو آهي،
جل تل منظر سارو آهي!

## وائي

سانت جو سُرياڻ آهي،
هيڪلي هيءَ رات،
تون ڪٿي آهين پرين!

لفظ ڇڻ رسندا وڃن ٿا
ڪهڙي تو بن ڏات
تون ڪٿي آهين پرين!

منهنجو من بي چين ڪري ٿي
ڇڻ پکين جي لات
تون ڪٿي آهين پرين!

پيار ۾ ڪهڙا پيچرا
عشق ۾ ڪهڙي ذات
تون ڪٿي آهين پرين!

خير هجي شل سهڻا تو ڏي
هر دم هني فڪرات
تون ڪٿي آهين پرين!

# پٽر جو شهر!

پـٽـر جـي آ دل ۽
پٽـر جـون نـگـاهـون!
پٽـر جـا هـي مـاڻـهـو
پـٽـر جـون پـنـاهـون
پـٽـر جـو شـهـر آ!
جتـي کـو بـہ جذبـو
نـہ دل ۾ لـڳـي ٿـو،
جتـي پـيـار چـاهـت
بـہ آهـي ويـڳـاڻـي،
جتـي رت جـا سـيـئـي
رشـتـا بـہ پـٽـر!!
پـٽـر جـي شـهـر جـي
مـان آهـيـان مسـافـر!
مـان حـيـران، پـريشان
تـنـهـا ڦـران ٿـي،
هـي کـهـڙو شـهـر آ؟
۽ کـهـڙا هـي مـاڻـهـو؟؟
مـنـهـنـجـو روح تـنـهـا
ئـي تـنـهـا رهـي ٿـو!

آ دل ۾ اُداسي،
اکين ۾ حيراني.
جتي پي رهان ٿي
جتي پي وڃان ٿي،
پٿر جهڙا ماڻهو!
پٿر جو شهر آ!!
پٿر جون نگاهون!!!

## وڪري ويل نظم

هن خالي پٽي
اداسيءَ، نراسائيءَ ۽ جدائيءَ
منهنجي وجود کي وڪوڙي ڇڏيو آهي
منهنجي ذات
روز ٿئون سور سهي ٿي
۽ وڪري وڃي ٿي
مون کي خبر آهي ته
تون ڪڏهن نہ مون کي ڪونہ ڳنڍيندين!
پوءِ بہ روز
تنهنجي لاءِ
ٽڪرا ٽڪرا ٿي وڪري ويندي آهيان،
ڪنهن اهڙي پٿر جيان
جنهن ۾ هڪ اداس
مورتي لڪل هئي....

# اُداسي

اداسي هيءَ سڪي منهنجي!
ڪا ننڍپڻ جي سهيلي آ!!
انهيءَ سان دوستي منهنجي
ڪڏهن تي ياد ئي ناهي!
جڏهن پنتي نهاريان تي
تہ پنهنجو ڳوٺ تي پانيان،
۽ پنهنجي گهر جي پاتين ۾
رڳو ئي پيار تي پايان!
هو منهنجي ڳوٺ جون ڳليون
انهن ۾ مان گهمان تي پئي،
اُها ڏاڏي منهنجي پوڙهي،
مان جنهن جي ڪَڇَ تي ويهي
سڄو ويڙهو پَئي گهميس،
جڏهن هن ڳوٺ پنهنجي مان
ڇڇي ۽ ڏار تيس آئون،
ڪُشادي ڪَڇَ ڏاڏيءَ جي
هميشہ لئہ جُدا تي وئي!
تڏهن پهريون دفعو شايد
اُداسي گڏ هلي مون سان!!
اُداسي هيءَ سڪي منهنجي!
ڪا ننڍپڻ جي سهيلي آ!!

# نظم

## "آزاديءَ جو سپنو"

جيئن پکي آزاد اُڏن تا
جيئن گگن آزاد هوائون
دريا ، نديون، سمنڊ هي سارا
ڪيڏيون هن آزاد فضائون
اُڏري اُڏري گيت چون تيون
ڪيڏيون هن آزاد هوائون
ٻوٽ هي سارا شهر اسان جا
اڄ ڀي ڇو آزاد نہ آهن؟؟؟
وستيون،وستيون،واهڻ،واهڻ
اڄ رهيا آباد نہ آهن؟؟؟
آزادي هئي جيڪا ماڻي
سا بہ هئي ڪا خوابُ ڪهاڻي
پيارن مارن جون هي ٻنيون
ڪتيون تارا گروي آهن
هوڏ وڏيرن جي ساڳي ءَ
خواب بہ سارا گروي آهن
ديس اسان جو ڪاٽي پهتو

چنــد ســتــارا گــروي آهــن
بــمَ ڌمــاڪــن، دهشــتــگــرديءَ
مـاٺـهـن کي حيـران ڪـيـو آ!!
هـنـدو، مسـلـم، سِـکُ،عـيـسـائـي
نــيــاڻــن جــو ايــمــان ٽــيــو آ
امــن مــحــبــت جــو جــزبــو چــڙ
اڄ بہ اسـان کي پـيـو ٽـو رولـي
”آزاديءَ جــو ســپــنــو اڄ يــي
پنهنجي ساييان پيو ٽو ڳولهي.“

## تو بن........
### (گيت)

توبن اکڙيون خالي خالي
من اندر ڄڻ آ ويراني
جڳ جي ساري سندرتا ڄڻ
منهنجين اکڙين کان اوجهل آ
توبن ڪهڙو نور او ساجن
تون تہ وسين ٿو دور او ساجن
تون تہ وسين ٿو دور
هيل بہ جا برسات پئي آ
رم جهم رم جهم موسم ٿي آ
وڻ ٽڻ ٻوٽا گل هي سارا
ڄڻ تہ نوان سڀ منظر آهن
پوڻ پيلي پرپور او ساجن
تون تہ وسين ٿو دور او ساجن
تون تہ وسين ٿو دور
اکڙين کي اوجاڳا آهن
تو بن ڪهڙا سپنا آهن
دل جي رڻ تي ويراني آ
خاموشي آ تنهائي آ
جيون سارو سور او ساجن
تون تہ وسين ٿو دور او ساجن
تون تہ وسين ٿو دور

توبن دل کي کيئن وندرايان
گيت غزل يا وايون ٺاهيان
پنهنجي دل جي گهراين سان
توکي ٿي مان هر پل چاهيان
جوڀن آ ڀرپور او ساجن!
تون تہ وسين ٿو دور او ساجن
تون تہ وسين ٿو دور
دل ٿي پئي سودائي آهي
هر موسم هرجائي آهي
هر ڪڙڪو ڇرڪائي ٿو پيو
ڇوڏاري تنهائي آهي،
پل پل جو آ پُور او ساجن
تون تہ وسين ٿو دور او ساجن
تون تہ وسين ٿو دور

# غزل

حُسن جو اُهڃاڻ آهين،
چنڊ جي چانڊاڻ آهين.

مان پکيءَ وانگيان ۽ تون!
اُڀ جي نيراڻ آهين.

تون ئي منهنجي آگهي آن،
تون ئي منهنجي ڄاڻ آهين.

جاڳ ۾ تون، خواب ۾ تون،
ساهه ۾ تون ساڻ آهين.

ياد ۾ اُلجهيل مان آهيان،
وصل جو تون واڻ آهين.

آءٌ تنهنجهي لاءِ ساري،
۽ تون منهنجي ڪاڻ آهين.

مان ڪٿي گم ٿي وئي هان،
بس تون هاڻي پاڻ آهين.

## هي سَمو چڻ سار وانگر!

ويل هيءَ ڏاڍي پلي آ
چئوطرف رابيل آهن
خوبصورت ساوڪن سان
پونءِ چڻ ڍڪجي وئي آ
سانت جو سرباٽ آهي
هي سمو چڻ سارَ وانگر
چڻ تہ ننڍڙي ٻارَ وانگر
اٽڪلون مون سان ڪري ٿو
ڪينچلون مون سان ڪري ٿو
هي تہ چڻ بضد آهي
ڪَنَ ۾ مون کي چئي ٿو:
ڪاش هو توسان هجي هان!
هن گهڙيءَ محبوب تنهنجو
ڪاش توسان گڏ هجي هان
مان تہ بس مرڪي پوان ٿي
ماٺ ٿي هن ڏي ڏسان ٿي
حسرتن ۽ خواهشن جا
رنگ گهرا ٿي وڃن ٿا،
ڪنهن گُلن جي هارَ وانگر
هي سمو چڻ سارَ وانگر!
چڻ تہ ننڍڙي ٻارَ وانگر!!

## غزل

اکيـن جـو نـار هـئـي، رُوح جـو قـرار هـئـي،
سـا چـوڪـري تـہ فـقـط پـيـار، پـيـار، پـيـار هـئـي.

لـتـو پـئـي درد جـو سـورج سـنـڌم نـگـاهُـن ۾،
شـفـق جـي رنـگ جـيـان دل بـہ تـارِ تـار هـئـي.

جـا دل جـو داغ سـدا لـئـہ ڪـري وئـي روشـن،
سـڄـي حـيـات جـو حـاصـل اهـا نـهـار هـئـي.

مـان تـوسـان جـا بـہ گـهـڙي گـڏ رهـي سـگـهـي آهـيـان،
حسـيـنُ خـيـال هـئـي، خـواب هـئـي، خـمـار هـئـي.

ڏُڪـي هـان تـنـهـنـجـي پُـنـيـان ريـت جـي سـمـنـدر ۾،
صـديـن جـو سَـڏ هـيـس مـان، ڏکـهـي پُـڪـار هـئـي.

(مان پنهنجو هي غزل شوڪت پيرزادا کي ارپيان ٿي، رحمت جي وڏي ييڻ جيڪا جوانيءَ ۾ اسان کان وڇڙي وئي.)

## غزل

نہ هجر هجر ۾، نہ ڪو، وصال ۾ وصال آ،
اسان ٻنهي جي پيار جو ٿيو هي ڪهڙو حال آ.

نہ زندگي آ زندگي نہ روشني آ روشني،
اداس صبح شام آ اداس هر خيال آ.

هي منظرن جي دلڪشي بہ اڄ تہ ڄڻ نراس آ،
لڳن ٿا گُل گهاءُ ڄڻ ۽ هر ڪلي سوال آ.

هوا ۾ ڄڻ هڳاءُ آ پکين ۾ لات پيار جي،
چوان تہ ڇا چوان سڪي! ڇو دل ۾ اڄ ملال آ؟

آ پيار اصل ۾ خوشي ۽ پيار ئي آ زندگي،
دوام آ تہ بس اهو، ٻيو تہ ڄڻ زوال آ.

نہ من ۾ ڪا خوشي آ اڄ نہ درد ڪو دکي پيو،
نہ روح ۾ ڪو رقص آ، نہ دل ۾ اڄ ڌمال آ.

## سانيٽ
## محبت باھ جهڙي هئي

تو سمجهو ئي نہ پئي جانان
محبت ڏاک جي ول جان
سندم دل کي وڪوڙي وئي
ڏنائين درد جنمن جو
اسان جو روح پئي تڙپيو
تنهنجن يادن ۽ سپنن ۾
۽ تنهنجي ذات ۾ گم تي
خوشي هر ڪا وڃائي سي
اسان دل ساربان وانگر
رڳو رڻ ۾ رلائي سي
رسم هئي عشق جي جيڪا
فنا تي سا نڀائي سي
محبت باھ جهڙي هئي
اسان بس دل جلائي سي....

# نثري نظم

## تون مون کي ايئن وڻندو آهين

تون مون کي ايئن وڻندو آهين
جيئن ميهوڳيءَ جي موسم،
جيئن سمنڊ ڪناري
لهندڙ سج جو منظر،
جيئن سنڌوءَ ڪناري ٻيڙي،
مُهين جي خاموشيءَ ۾
پري کان ايندڙ
ٻين جو آواز
بهار جي ٿڌڙي هيرَ
رات جي راڻيءَ جي خوشبوءِ،
منهنجي ساهن کي
مهڪائي ڇڏيندي آهي!
تون مون کي ايئن وڻندو آهين،
جيئن فيض جو نظم،
پروين شاڪر جو ڪو مصرعو،
قرت العين جو ناول،
۽ امرتا پريتم جون ڪهاڻيون
منهنجي ڪمزوري هونديون آهن!

**جيئن جگجيت جي آواز ۾ غزل**
**جيئن ڪو پورو چنڊ،**
**۽ رات جي سرد خاموشي**
**جڏهن منهنجي اندر ۾ لهندي آهي،**
**تہ مون کي الائي ڇو**
**تنهنجون اکيون**
**ياد اچي وينديون آهن!!**

# وائي

وري ٽڙيون هوائون هن،
منهنجي دل کي ليائين ٿيون،
هوائون گيتَ ڳائين ٿيون!

تنهنجي يادن سندي پايل،
وري راتيون هي پائين ٿيون،
هوائون گيتَ ڳائين ٿيون!

۽ ناريون ڳوٺ جون جڏهين،
ڪنهين سان دل لڳائين ٿيون،
هوائون گيتَ ڳائين ٿيون!

سکي هي موسمون دل کان،
ڪئين ڳالهيون چوائين ٿيون،
هوائون گيتَ ڳائين ٿيون!

فضائون تنهنجي وارن مان،
پيون خوشبو چورائين ٿيون،
هوائون گيتَ ڳائين ٿيون!

## وائي

تڏڙي تڏڙي هير لڳي پئي،
تون آن مون سان گڏ،
چانڊوڪيءَ هن رات ۾!

ڪوئي جهڻ ٿو دور سڏي پيو،
هي پڙاڏو سڏ،
چانڊوڪيءَ هن رات ۾!

مور نہ تون پوءِ ورڻو آهين،
ايئن نہ مون کي ڇڏ،
چانڊوڪيءَ هن رات ۾!

پهريون پيار ايئن هوندو آ،
ڇوري ايئن نہ پڏ،
چانڊوڪيءَ هن رات ۾!
چانڊوڪيءَ هن رات ۾!

## نثري نظم
## بي ربط روشني....

منهنجو روح پل تہ
بہار جي مند ۾
سمايل هجي
۽ منهنجي چوڌاري
بي ربط روشني
۽ بي جوڙ رشتن جو شور هجي
پر تنهائي هميشہ
منهنجي مزاج جي مُند رهي آهي
جنهن ۾ مان
بهار هوندي بہ
خزان جي پنن جيان
ڇڻندي رهان ٿي......

# پرندڙ اکيون!

ڳوٺ جي تڏين هوائن ۾
هڪ ننڍڙو قبرستان آهي
جيڪو چوڌاري آ ساون وڻن سان ڍڪيل
جنهن جي هڪڙي ڪنڊ تي
هڪڙي ننڍڙي قبر آهي
ان ۾ هوءَ ستل آهي
اسان جي ڏاڏي
جنهن جون اکيون
اسان کي ڏسڻ لاءِ
هن جي مٽيءَ جي چلهي ۾
بريل باھ جيان
اسان جي انتظار ۾
هر وقت ٻرنديون رهنديون هيون
پر اڄ اهي پرندڙ اکيون
هميشہ لاءِ وسامجي ويون آهن،
هوءَ جنهن جي پيار اسان جي
ننڍپڻ جي سيني ڏنگاين کي
پنهنجي شفقت ڀري روپي سان
هميشہ لڪائي ڇڏيو هو
جنهن جي اکين ۾

اسان جي اچڻ جو انتظار
رهجي ويو هو
هر عيد تي جا
ڳوٺ اچڻ جا نياپا ڪندي هئي
۽ ڳوٺ پهچڻ تي
ايئن ڀاڪر ۾ ڀريندي هئي
جو سڀ ڏک ۽ ٿڪ ڄڻ تہ
دور ٿي ويندا هئا
پر اڄ ڪو بہ نياپو نہ آيو آ
نہ وري اهو پيار آ ۽ نہ
وري ڀاڪر
بس ڳوٺ جي ٿڌين هوائن ۾
هڪ ننڍڙو قبرستان آهي
جيڪو چوڌاري آ ساون وڻن سان ڍڪيل
جنهن جي هڪڙي ڪنڊ تي
هڪ ننڍڙي قبر آهي.

## غزل

وهن تا ڪي حسين جهرڻا، اوهان جي مُرڪ اهڙي آ،
گلن تي سِجَ جا ڪرڻا، اوهان جي مُرڪ اهڙي آ.

سڙي تو عشق جو جلوو انهيءَ آڙاهہ واديءَ ۾،
تين تا روز هي مرڻا، اوهان جي مُرڪ اهڙي آ.

اسان زردشت آهيون ڇڻ، ڪيون تا باهہ جي پوڄا،
ڪي ئي ٻارڻ، ڪي ئي ٻرڻا. اوهان جي مُرڪ اهڙي آ.

صدين کان پياس هئي ڇانيل اسان جي دل جي صحرا تي،
پريون تا آب جا پرڻا، اوهان جي مُرڪ اهڙي آ.

اُهو ئي عشق جو دريا، وري ڪچو گهڙو ساڳو،
وري سهڻيون، وري ترڻا، اوهان جي مُرڪ اهڙي آ.

# غزل

هيءَ دل اي هرجائي توکي ڳولي ٿي،
ڪاٿي آن تنهائي توکي ڳولي ٿي.

ڪنهن جو تو آواز ڦُٽي پيو رُوح منجهان،
جڻ ڪائي شهنائي توکي ڳولي ٿي.

آءُ نئون الزام لڳي ڪو ئي مون تي،
راهن جي رسوائي توکي ڳولي ٿي.

چپڙن جي لفظن ۾ تنهنجي چاهت آ،
اکڙين جي گهرائي توکي ڳولي ٿي.

هاڻي پنهنجو پاڻ ڪٿي آهي مون ۾،
دلڙي ٿي سودائي توکي ڳولي ٿي.

آءُ پرين هر رات نهاريان ٿي تو لاءِ،
آءُ پرين پُروائي توکي ڳولي ٿي.

# روسامو

ڪا رات رُسي وئي آ،
ڪا بات رُسي وئي آ،
چڻ ڏات رُسي وئي آ،
تون ئي نہ رُسيو آن پر
مون کان تہ پرين منهنجي
چڻ ذات رُسي وئي آ!

# گيت

هي موسم جي ماٺارَ الا
۽ دل ۾ ڪنهن جي سارَ الا
هي موسم جي ماٺارَ الا

تنهنجون يادون موتي آيون
دل ۾ آ مهڪارَ الا،
هي موسم جي ماٺارَ الا
ٿڌيون هوائون پاڳل ڪن ٿيون
ساڙي تو سنسارَ الا
هي موسم جي ماٺارَ الا
پيلا پيلا گل وڻن تا
پکين جي تہ قطارَ الا
هي موسم جي ماٺارَ الا
وڻن پيلا ويس ڍڪيا هن
بسنت رت جي سارَ الا
هي موسم جي ماٺارَ الا

## اسان جي ديس جو شاعر!
## (حسن درس جي ياد ۾)

رڳو ٿي مات هئي چانيل،
ڏکاري مند ساوڻ جي،
اُداسيءَ جا سوين منظر
اچانڪ پاڻ ۾ گڏ ٿي،
اُٿن پيا درد جي موسم!
وڇوڙن جي صدا وانگر
پکين جون دور کان ٻوليون،
اسان جي ديس جو شاعر
وطن کي الوداع چوندي،
اسان کان اڄ جدا ٿي ويو!
انهيءَ جي شاعريءَ ۾ ڄڻ
هيون سڀ عشق جون ڳالهيون،
سندس فطرت نگاريءَ ۾
هزارين سونهن جا منظر
نئين تهذيب جون ڳالهيون،
نئين تحقيق جون ڳالهيون،
مڇيءَ جي اک مان ويهي
ڏٺو جنهن هر ڏهاڙي کي

صفا معصوم پارن جيان
اُهو بس جستجوءَ ۾ هئو!!
اُهو شاعر، حسين شاعر،
اسان جي ديس جو شاعر،
وطن کي الوداع چوندي
اسان کان اڄ جدا ٿي ويو!

# وائي

کيڏا درد سليان ٿي هن سان،
کيڏا سور چوان،
تنهائي ڇڻ سنگتياڻي آ!
دور دور رهان ٿي تو کان!
تنهنجيءَ سِک مران،
تنهائي ڇڻ سنگتياڻي آ!
خوشيون منهنجي چوڌاري ۽
آهي درد جوان،
تنهائي ڇڻ سنگتياڻي آ!
ڪڏهن جيارين ڪڏهن تو مارين،
تنهنجا روپ نوان،
تنهائي ڇڻ سنگتياڻي آ!
پيار ڏئي پوءِ دور هليو وئين
ڪيئن هي سور سهان،
تنهائي ڇڻ سنگتياڻي آ!
چانڊوڪي ڇڻ موٽي آئي،
تو جو نيڻ ڪنيا،
تنهائي ڇڻ سنگتياڻي آ!

## وائي

دل کي درد ڏئي،
ساٿ ڇڏي وئين سپرين!
باکَ بہ ڇڻ نراس آ،
گلڙن ماڪ پئي،
ساٿ ڇڏي وئين سپرين!
”تون آن منهنجي هر خوشي!“
مون کي ايئن چئي:
ساٿ ڇڏي وئين سپرين!
هڪڙو گل گلاب جو،
تحفو ڪالهہ ڏئي،
ساٿ ڇڏي وئين سپرين!
جت ها چاهت چانورا،
اڏري اُت رئي،
ساٿ ڇڏي وئين سپرين!
ساريان توکي سانورا!
راتيان ڏينهن ڪئي،
ساٿ ڇڏي وئين سپرين!

## ويراني

تنهائيءَ جو ڪارو پردو،
من جي بن ۾ ويراني آ،
هر شيءِ ساڳي ساڳي آهي،
من جي مندر جي هيءَ چوڪٺ
چاندوڪيءَ ۾ چمڪي پئي ٿي،
طلسيءَ جي ٻوٽي جيان تن ۾،
هلڪي هلڪي سارَ سُري ٿي.
پر هن مندر جي چائنٺ تي
پوڄاري ڪو آيو ناهي،
ڏيئو ڪنهن بہ جلايو ناهي،
ڪنهن بہ تہ گهنڊ وڄايو ناهي،
من جي مندر جي ويراني
ساڳيءَ جاءِ تي بيٺل آهي...

## ڏيئا ڏيئا رات!

سانوڻ رُت ۾ ڏيئن وانگر
اڀ تي ڪيڏا تارا آهن!
تارن جي جهرمٽ کان پرتي
پورو پورو چنڊ ٻہ جڻ ڪو
ويراني جو ٽڪرو آهي!
پنهنجي گهر جي آڳر تي مان
ڪيڏي دير کان ليٽيل آهيان،
سامهون ڪجيءَ جو وڻ جيڪو
چانڊوڪيءَ ۾ روشن آهي،
ڪجيءَ جي ان وڻ جي پويان
چنڊ ٻہ مون سان ڳالهائي پيو-
جنهن کي هر پل آنءُ تڪيان تي
جنهن سان دل جو حال سليان تي،
۽ هُو اڄ يي ناهي آيو
سانوڻ جي هيءَ رات ٽڏي آ،
چنڊ مسافر وانگر آهي،
جنهن سان پنهنجا سُور سليان تي،
هوريان هوريان ڪجيءَ پويان

چنڊ بہ آخر گم ٿي ويو آ،
ڇڻ تہ پرينءَ جيان رُسي ويو آ!
سانوڻ رُت ۾ ڏيئن وانگر
اُڀ تي ڪيڏا تارا آهن!!

## ياد جا آواره بادل

هي تنهنجي ياد جا
آوارا بادل هن،
يا ڪائي جستجو آهي
جيڪا مون ۾ سمائي آ!
هي ڪائي شام آهي يا
هي تنهنجي سارَ جا سڀ رنگ
گهرا ٿي ويا آهن!
۽ تنهنجي چاهتن ۾ دل
ايئن ئي ويڙهجي وئي آ،
جو تنهنجي ذات آهي ۽
ٻيو ڪو رنگ ئي ناهي!
۽ تنهنجي ذات کان اڳتي
مان ڪجهه سوچڻ نہ ٿي چاهيان!
منهنجو هر خواب آهي چڻ
پرين! منسوب توسان ئي،
۽ منهنجي دل سندا رستا
نہ ڄاڻان ڇو پرين منهنجا!
سندءِ در تي سدائين لئہ
اچي بيهي رهيا آهن.

اهو معلوم آ مون کي
تہ تون منهنجو، فقط منهنجو
ڪڏهن ٻي ڪو نہ هئين ليڪن،
سو دل کي ڪير سمجهائي
جنهن جي منهنجي چاهہ جا رستا
رڳو تو وٽ پرين پهچي
سيئي بيهي رهيا آهن!
سيئي بيهي رهيا آهن!!

# غزل

اوهان جي پيار جو جادو، اوهان جي بات جي خوشبو،
رهي ٿي هر گهڙي مون ۾، اوهان جي ذات جي خوشبو.

اسان ساري زماني کان لڪائي پوءِ بہ ظاهر ٿي،
اسان جي خواب ڪولي آ حسين ڪنهن رات جي خوشبو.

هي ڪيڏو شو چوڌاري ويو آهي وکوڙي پر
اسان جي دل اندر جانان! اچا يي سانت جي خوشبو.

يلي ڪيڏو وساريو پر هُري پئي اڄ بہ يادن ۾،
خماريل شام کا توسان ۽ ڪنهن پريات جي خوشبو.

هي سارو عشق پنهنجو آ اسان اظهاريو ان ۾،
سموري شاعري آهي سندم جذبات جي خوشبو.

ڪڏهن صحرا ۾ ڀٽڪون ٿا، ڪڏهن آهيون سمندر ۾،
ايئن سولي ملي ناهي اسان کي ڏات جي خوشبو.

# غزل

صدين دان ساز کي جهيڻا، اسان جي دل جي صحرا تي،
وڄي ٿي درد جي وِيڻا، اسان جي دل جي صحرا تي.

زماني جي تہ جهوليءَ ۾ فقط هِن درد ئي مون لئہ،
ٿين ٿا سُور هي پيڻا، اسان جي دل جي صحرا تي.

هوائون چاهتن جون ۽ وسن کي مينهن اُلفت جا،
رکو کي پيار جا ڦيڻا، اسان جي دل جي صحرا تي.

اوهان جي سارَ جو سارنگ وسي ٿو روح تي پيو ۽
سُرن تا سُرَ کي هيڻا، اسان جي دل جي صحرا تي.

## ڏُهري

خوشيون خوشبوءِ وانگر مهڪيون،
ڏيئا ڏيئا رات آ ساري
جڳ مڳ جڳ مڳ سارا منظر
ڏياريءَ جي آ رات الا!

رام لٿو، ڀڳوان لٿو آ،
ڪرشن پاڻ هليو آيو آ،
سيتا لڇمڻ گڏ وريا هن،
نُوراني ڪا لاٽ ٻري ٿي،
ڪيڏا آهن پيارا منظر،
ڏياريءَ جي آ رات الا!

نيڻن ڏيئا ٻاريا آهن،
خوابن جا هن تارا روشن،
منهنجي دل جي ويران ويران
هيڪل هيڪل وياڪل رڻ ٿي،
تنهنجو چهرو چنڊ جيان آ،
تنهنجي ياد جو ديپڪ ڳائي،
منهنجي رات بہ روشن آهي،
سارا چنڊ ستارا منظر؛
ڏياريءَ جي آ رات الا!

## سانيٽ

ڏُور ڪان ڪڪريون اچن ٿيون
۽ اسان جي دل مٿان اڄ
ياد ڪا وسندي رهي ٿي
دل جي صحرا جي مٿان چڻ
سارو منظر بارشن جو
درد ۾ تبديل ٿي ٿو،
سارَ جون ٿڌڙيون هوائون
آس جي بوندن سان گڏجي
مارواڙي گيت ٻڌجي
مور جي دل جان نچن ٿيون،
ڪي صدائون سارَ وانگر
روح ۾ رڙنديون رهن ٿيون
۽ گهٽا گجندي رهي ٿي،
ياد ڪا وسندي رهي ٿي.

## ڪجھ يادون...........!

ننڍپڻ جون ڪجھ يادون
اڄ دل تي اڀري ٽيون اچن
ڳوٺ جي گھٽين ۾ گھمڻ،
مٽيءَ جي رانديڪن
۽ گڏين سان کيڏڻ،
سيني ٻارن کي
گھر جي پٺيان هڪ ڪشادي ڪمري ۾
گڏ ڪري رانديون ڪرڻ،
ڪڏهن ڪڏهن سيني ٻارن سان
پلي پٽڻ، ڦريون چونڊڻ،
يا ڦوٽا پٽڻ ويندا هئاسون،
۽ ٻيرن جي موسم ۾
ٻيرين کي ڏوٽي ڏوٽي
ٻيرن سان جھوليون ڀري
دڪون ڀري ڊوڙي ٻوڙي
پنھنجي گھر پھچڻ
۽ ڪلي ڪلي ڪٽا، مٽا
ٻير کائڻ وسري ئي نہ ٿو.
بي فڪري جي اھا عمر
ڪاش تہ ڪير موٽائي سگھي
ڪاش مان پنھنجي ڳوٺ جي
گھٽين ۾ وري ننين ٻارن وانگر کيڏي سگھان!!

# سرد خانو

گهڻو ئي وقت گُذري ويو،
۽ هاڻي ياد يي ناهي،
جو تنهنجي آس کي سانڍي،
رکيو ڪيڏو لڪائي هو.
ڪڏهن توکي پُڪاريندي،
پرين هن بيقراريءَ ۾،
صديون جڻ انتظاريءَ ۾
ويون گذري هيون منهنجون!
۽ تنهنجي چاهتن کي مون
نہ دفنائڻ پئي چاهيو،
تڏهن دل ۾ پرين ٺاهيو،
مون هڪڙو سردخانو هو.
انهيءَ ئي سردخاني ۾
منهنجي چاهت ۽ خوابن جون
ڪئي ارٿيون رکيل آهن،
مگر چاهت آ ديواني!
سا اڄ يي بيقراريءَ ۾،
اڃا يي انتظاريءَ ۾،
خواهش ڪا سجائي ٿي،

ڪي ئي سپنا پئي جوڙي،
جيڪي پوندا وڃي آخر،
انهيءَ ئي سرد خاني ۾......
دلين جي سرد خاني ۾......

# غزل

پيار جي دل تي وري بارش نئين برسائجي،
حسن تنهنجي تي نئون ڪو گيت ويهي ڳائجي.

تون سيئي بازيون ڪٽين، هر جيت تنهنجي نانءِ ٿئي،
مات ڪائي چو نہ اڄ تنهنجي هٿان هارائجي.

مان ڪٿي ڪچو گهڙو ۽ ڪا ئي سهڻي تي وجان،
پيار ۾ اڄ دل چوي ٿي، اهڙو پل ڪو پائجي.

ڪويلون ڪي گيت ڳائن ۽ چون لاٽيون مٽيون،
قول نڪرن، رنگ وڪرن، گل نہ ڪو ڪومائجي.

درد ڪي پاسي رکي ۽ هيڪلائيُن ڪي پري،
ڪنهن خوشين جي قافلي ڪي اڄ ڪٿي ترسائجي.

## وائي

تنهنجي وک سان ٿي ويا،
خوشبو سارا دڳ،
تون جو آئين سپرين!

پاڳ پلا ٿي پانئيان،
سُونهان ساري جڳ،
تون جو آئين سپرين!

سنتوري ٿي سينڌ آ
تارا تارا چڳ،
تون جو آئين سپرين!

روح تہ چڻ رباب آ،
خوشي آ رڳ رڳ،
تون جو آئين سپرين!

# غزل

ڪنهن حسين خيال، خواب جهڙو آ،
ڪوئي چهرو گلاب جهڙو آ.

توکي پائي بہ وڃائِيو توکي،
پيار پنهنجو سراب جهڙو آ.

آهي آواز جي مترنا يا،
ساز ڪوئي رباب جهڙو آ

آ جواني تہ ختم ٿيڻ تي ۽
پيار پهرئين شباب جهڙو آ.

عشق منهنجو نہ ماپجان جانان!
چاڙهہ ان ۾ چناب جهڙو آ.

تنهنجي چاهت ۽ تنهنجي سپنن ۾،
لمحو لمحو تہ خواب جهڙو آ.

# پوڙ

## (آزاد نظم)

سنڌ جا هي پيچرا ۽ دڳ سارا،
واٽ واهڻ جي، اچڻ جا سڀ اشارا،
انتظارن جا نظارا چڙ ٻُڏي ويا.
اڄ تہ درياهہ جا ڪنارا سڀ ٻُڏي ويا!
پوڙ ۾ ٻارن جون رانديون،
ڳيچ، سهرا، ڪاڄ، شاديون،
سڱ، رشتا ۽ محبت جون ڪهاڻيون،
آس ۽ اُميد جا ڌاڳا ٻُڏي ويا!!
جهوپڙيون، رَليون ٻڏي ويون،
مال ۽ ٿليون ٻُڏي ويون،
ڪيت، ٻارا، پوک ۽ وَليون ٻُڏي ويون!
بس بچي آ هوڏ جيڪا
حڪمرانيءَ جي مٿي تي
بادشاهہ جي تاج وانگر
اڄ بہ جا چمڪي رهي آ!
اڄ بہ جا چمڪي رهي آ!!

# روئي ٻہ نہ ٿا سگهون!

ننڍپڻ جو هڪ منظر ياد ٿو اچي
اسان جو ڳوٺ، درياهہ
۽ درياهہ ۾ ڪيتريون ئي ٻيڙيون
هڪ ٻيڙيءَ تي
مان ۽ منهنجو ياءُ ويهون ٿا
جڏهن ٻيڙي درياهہ جي ڪناري کان
دور وڃي ٿي
اسان ٻئي ڏاڍو روئون ٿا
اڄ تہ ايئن لڳي ٿو
ڄڻ رڳو درياهہ جو پاڻي ئي نہ
سڪي ويو آ پر
اسان جو ڳوٺ بہ اسان کان
ايئن ئي
پري ٿي ويو آ
جيئن ننڍپڻ ۾
ٻيڙيءَ کان ڪنارو
دور ٿي ويو هو
پر اڄ اسان
ننڍپڻ وانگيان
روئي بہ نٿا سگهون.

# وڏو اڱڻ

اسان جو ڳوٺ
جنهن جو پرامن ۽ پرفضا ماحول،
شهر جي ٻوساٽيل فضا ۾
هر وقت ياد رهي ٿو
ان ڳوٺ ۾ هڪ اسان جو گهر هو
جنهن کي هڪ وڏو اڱڻ هو
جنهن کي روز صبح ساجهر جو
اسان جي ڏاڏي ايئن ميڙيندي هئي
ڄڻ هوءَ ان گهر جا سڀ ڏک ٻه
ٻيڙي کڏي ڇڏيندي هجي
رات جو بتيءَ جي روشنيءَ تي
سيني ٻارن کي چانور ۽ انب کارائي
کوهيءَ تان پاڻي ڀري
سيني جا هٿ ڌوئاري
وڏي اڱڻ تي پيل کٽن تي
اسان کي الله جي لولي ٻڌائي
سمهاري ڇڏيندي هئي
اڄ پنهنجي ڳوٺ جي
ان وڏي اڱڻ کي ياد ڪري
منهنجون اکيون آليون ٿي وڃن ٿيون.

# غزل

گيت ڪو ئي ڳائڻ لاءِ دل ۾ چاندني آهي،
توکي گنگنائڻ لاءِ دل ۾ چاندني آهي.

اڄ هوا سريلي آ گيت ڪوئي ڳائي ٿي،
سر سان سُر ملائڻ لاءِ دل ۾ چاندني آهي.

تنهنجي منهنجي ڇهري تي اڄ تہ ڪا سهائي آ،
ان کي جڳمڳائڻ لاءِ دل ۾ چاندني آهي.

هن گلاب لمحي ۾ پيار جڻ ڇٽيو آهي،
دل لڳي نيائڻ لاءِ دل ۾ چاندني آهي.

دل ۾ چاندني آهي نور تنهنجو آ ڇانيو،
ساهہ ۾ سمائڻ لاءِ دل ۾ چاندني آهي.

# اڄ تنهنجو چاليهو آهي

اڄ تنهنجو چاليهو آهي
ياءُ فون ڪري مون کي ٻڌايو
”ادي امان جو چاليهو آهي“
”توکي ضرور ٻه اچڻو آهي“
پر مان ڪيئن ان کي سمجهايان
خالي گهر کي ڪيئن ڏسان مان
هو ڪمرو اڄ خالي هوندو
جنهن ۾ هر وقت ٺهڪ هوندا هئا
کٽ کي خالي ڪيئن ڏسان مان
جنهن تي هوءَ ويٺي هوندي هئي
جڻ تہ آٿت پئي ڏيندي هئي
هن جون دوائون
ڪجهہ خالي ڪجهہ ڀريل شيشيون
انهيلر موجود تہ هوندا
پر هوءَ نہ هوندي
ويڇڙو هن جو
جڻ تہ جدائيءَ جو هو جهنبو
چشمو بہ ساراهيان ٿي مان
هن کي ڪيئن وساري سگهنديس

## اُداسي

جنهن جي آڱر کي جهلي مون پنڌ ڪيو هو
خالي گهر ۾ ڪيئن اچان مان
پنهنجي ياءُ کي ڪيئن سمجهايان
لڙڪ وهن ٿا آءٌ سوچيان ٿي
اڄ تنهنجو چاليهو آهي.

## غزل

نہ ڪو ٻہ هوش رهيو ۽ نہ ڪو حواس رهيو،
مگر هي رُوح اوهان لئہ سدا اُداس رهيو.

ڪيوسين پيار، فقط پيار، صرف پيار پرين!
سڄو سماج اسان لئہ پلي ٽِياس رهيو.

پلي جو هاڻ انڌيرن سان دوستي آ مگر،
ڪڏهن اسان جو پرين! چانڊني لباس رهيو.

ٻيو تہ ڇا نہ مليو آهہ زندگانيءَ مان!
رهيو تہ چاهہ جو جذبو ئي بس نراس رهيو.

## غزل

موسم کي انگڙائي آهي،
وڻندڙ هي تنهائي آهي.

سارو منظر ساز بڻيو آ،
سُر ورکا شهنائي آهي.

تنهنجي اکڙين جِي او سهڻا!
سمنڊ اندر گهرائي آهي.

جل ٿل جل ٿل منظر سارا
رُت برکا هرجائي اهي.

دل جي وستيءَ ۾ تون ويٺل،
ڪهڙي هاڻ جُدائي آهي!

چندرما جيئن تنهنجو چهرو،
ساري سنڌ سُهائي آهي.

# غزل

اکيون اُداس هوا جون، اُداس رستا ها،
ملي سگهين نہ پرين تون! اُداس رستا ها.

اُها ئي بينچ هئي ساڳي ۽ ٻہ پاڇا ها،
هو توکي ياد ڪيو مون اُداس رستا ها.

سڄو سفر ئي حياتيءَ سندو هيو صحرا،
نہ ڪائي ڇانوَ ڏٺي سون، اُداس رستا ها.

حيات جي تہ حقيقت رڳو ئي خواب هئي،
سراب لاءِ رُلياسون، اُداس رستا ها.

پُڇي ڏٺوسون تہ منزل اُها نہ هئي سنڌو!
هيون اُداس پوءِ راهون، اُداس رستا ها.

## غزل

کجهہ تہ تو ۾ رهيو غضب آهي،
پيار منهنجو نہ بي سبب آهي.

جو رهيو ساهہ کان بہ آ ويجهو،
کير ڄاڻي اهو ئي رب آهي.

آ مڪانَ لامڪانَ کان ٻاهر،
عشق جو پنڌ پي عجب آهي.

آنءُ ڄاڻان تي بي وفا آهين،
پيار توساڻ مون کي تہ بہ آهي.

ڪيئن توکي ٻُڌايان فن ڇا هي،
شعر ڇا هي ۽ ڇا ادب آهي!

## وائي

تڏڙي تڏڙي هير هُري پئي،
سرتيون منهنجي هيانءَ ۾،
سرءُ جي هن شام ۾!

ڪي ئي گيت چوان ٿي ويٺي،
سهڻا تنهنجي نانءَ ۾،
سرءُ جي هن شام ۾!

سپنن جا ڪي جهول پريان ٿي،
گهاٽيءَ نم جي ڇانءَ ۾،
سرءُ جي هن شام ۾!

ڪيڏا روپ سروپ پسان پئي،
ڏات پنهنجي ۽ ڏانءَ ۾،
سرءُ جي هن شام ۾!

خوشيون خوشبوءِ وانگيان مهڪيون،
سهڻا تنهنجي وهانءَ ۾،
سرءُ جي هن شام ۾!

## وائي

مونِي مُندَ بهار جي،
گلڙن ويس نوان،
پوءِ بہ منُ اُداس آ!
ٻڌي پکين لاتڙيون،
ڪي ئي گيت چوان،
پوءِ بہ منُ اُداس آ!
ساوا ويس ڍڪيا هن ڌرتيءَ،
منڊ بہ چڙ تہ جوان،
پوءِ بہ منُ اُداس آ!
تنهنجي اکڙين آرسي،
وينِي آءٌ پسان،
پوءِ بہ منُ اُداس آ!
ڪوئل جي ڪوڪارن ۾،
توڪي سڏ لوان،
پوءِ بہ منُ اُداس آ!
تنهنجي يادن پيچرا،
آهي روح روان،
پوءِ بہ منُ اُداس آ!

## غزل

زندگي تـو سـوا پـر اڌوري رهـي،
هر خوشي تو سوا پر اڌوري رهـي.

تون نہ آئين پرين باک ڦٽندي رهي،
روشني تـو سـوا پـر اڌوري رهـي.

رُت بسنتي هئي ڦول مهڪيا پَئي،
دلڪشي تو سـوا پـر اڌوري رهـي.

رات تارن بہ ها ڪي ئي منظر چٽيا،
چانڊني تـو سـوا پـر اڌوري رهـي.

ياد توکي ڪيم مَڌُ هيو، رات هئي،
بي خودي تو سوا پر اڌوري رهـي.

## گيت

## منهنجا ننيڙا سونو!

تنهنجي ڪارڻ وارڻ پويان
چهرو چڻ ڪو چنڊ لڪيل آ
منهنجي پرسان تون ستل آن
ڪمري ۾ چڻ چنڊ ڪڙيل آ
تون ئي آهين منهنجي ڇانءَ

منهنجا ننيڙا سونو
تو ۾ آهي منهنجو ساهہ
سارو جيون تنهنجي نانءَ

تنهنجا پيارا ٿهڪ وڻن ٿا
سڀ ڏنگايون تنهنجون پياريون
ڳالهہ ڳالهہ تان تون تہ رسين ٿو
سڀ ارڏايون تنهنجون نياريون
توسان ٺڏڙو منهنجو هانءُ

منهنجا ننيڙا سونو
تو ۾ آهي منهنجو ساهہ
سارو جيون تنهنجي نانءَ

هر وقت پئي ريجهايان توکي
هر هر ٿي وندرايان توکي
ڳالهين سان پرچايان توکي

ساهن منجهہ سمايان توکي
سارو ڏينهن آ چڱ تہ وهانءُ

منهنجا ننڍڙا سونو
تو ۾ آهي منهنجو ساهہ
سارو جيون تنهنجي نانءِ

تون جيڪو هي پيار ڏئين تو
ڪيڏو منهنجو خيال رکين تو
دل جي رڳ تي رم جهم تي تئي
منڙا منڙا ٿهڪ ڏئين تو
تون ئي منهنجي ذات ۾ ذانءُ

منهنجا ننڍڙا سونو
تو ۾ آهي منهنجو ساهہ
سارو جيون تنهنجي نانءِ

## شامَ جا پنجَ

يادون تنهنجون مرڪن ٽيون
۽ خاموشي ڳالهائي ٿي
پنهنجي ڪمري ۾ آئون تنها ويٺي آهيان
تنهنجي باري ۾ پئي سوچيان
تون هن ويلي ڪاٿي هوندين
هن مهل تون پڙهندو هوندين
يا ڪجهہ شايد لکندو هوندين
هي جو شام جا پنج ٿيا هن
شايد چانهہ تون پيئندو هوندين
ڪجهہ ڏينهن جي ڳالهہ تہ آهي
جڏهن مون سان تون گڏ هوندو هئين
شام جا پنج جڏهن ٿيندا هئا
مون سان گڏجي چانهہ پيئندي
منهنجن اکڙين ۾ واجهائي
اکٿر تون چوندو هئين جانان!
تو سان گڏ جو چانهہ پيان ٿو
پيهر جڻ مان جي پوان ٿو
اڄ بہ شام جا پنج ٿيا هن
شايد اڄ ڪا ٻي حسينا
توسان هن وقت گڏ تہ هوندي

هن کي چا تون چوندو هوندين!
هن ڏي ڪيئن تون ڏسندو هوندين
خيال اچن ٿا، خيال وڃن ٿا
پنهنجي ڪمري ۾ آئون تنها
ويٺي آهيان...

## وائي

منهنجا سارا خواب ڪٺي اڄ
هلي وئي جا ريل،
سانجهيءَ جي هن ويل!

مارو آيا ڪين وري ۽
تيا نہ ٻيهر ميل،
سانجهيءَ جي هن ويل!

مور مئا ڇڻ تر مري ويو،
ٻوڙي تي پئي ڏيل،
سانجهيءَ جي هن ويل!

بادل برسن ڪنوٽيون ڪجڪن،
مُند ڪيا هن ڪيل،
سانجهيءَ جي هن ويل!

# غزل

زندگيءَ ۾ قرار چاهيان ٿي،
مان خزان ۾ بهار چاهيان ٿي.

جنهن ۾ بس پيار ئي هجي شامل،
خواب تنهنجو خمار چاهيان ٿي.

ڏات منهنجي آ ڪنهن پکيءَ وانگر،
هاڻ اوچي اُڏار چاهيان ٿي.

ڳالهه دل کي نٿي وڻي هاڻي،
بس تنهنجي ئي سار چاهيان ٿي.

جو فقط درد ئي ملي مون کي،
هاڻ ان مان فرار چاهيان ٿي.

پير تنهنجا پون تہ جا مهڪي،
اهڙي ڪا راهگذار چاهيان ٿي.

# تون چانڊوڪين کي چاهيندڙ

## گيت

مان آهيان درد اماوس جو،
تون چانڊوڪين کي چاهيندڙ،
مان آهيان ڌرتي صحرا جي
تون ديس گلن ڏي ڪاهيندڙ.
تون چانڊوڪين کي چاهيندڙ!

ڪي روپ نوان ڪي رنگ نوان،
چڻ ڪائي سُر جي رم جهم هئي،
تون گيت انوکا ڳائيندڙ،
تون جل ٿل مينهن وسائيندڙ.
تون چانڊوڪين کي چاهيندڙ!

هو ڪارونجهر تي بادل هن،
۽ سنڌوءَ تي وسڪارو آ،
تو ڪيڏا سندر گيت لکين،
هن ڌرتيءَ کي مهڪائيندڙ.
تون چانڊوڪين کي چاهيندڙ!

هر ڏينهن تتي جي منظر ۾،
تون مون لاءِ سج پيو جوڙين،
۽ اونده انڌوڪار ۾ تون،
ڪي چنڊ نئين سر ٺاهيندڙ.
تون چانڊوڪين کي چاهيندڙ!

آ دنيا تتل تاءَ جيان،
تون واريا سي جو وڻ آهين،
۽ مون تي ٿڌڙيءَ ڇانءَ جيان
تون منهنجو من مهڪائيندڙ.
تون چانڊوڪين کي چاهيندڙ!

# غزل

منهنجي نيڻن ۾ پرينءَ جو عڪس آ،
روح ۾ ڀي ڄڻ تہ ڪوئي رقص آ.

مان ڪٿي ڪاڏي وڃان ڪاٿي هجان،
دل ڪي ڀائيندڙ تہ هڪڙو شخص آ.

توکي ڏسان، تو لاءِ هجان، تو سان ملان،
توکي پائڻ جو پرين هڪ حرص آ.

عشق تو جيڪو پڙهائي پاڻ کي،
ڪٿهن بہ مڪتب ۾ نہ اهڙو درس آ.

هيل ڪي ڀي موسمون پائن نہ تيون،
دل ۾ ڀي جو درد آ سو سرس آ.

مرڪ هن جي تي مسيحائي ڪري،
ڪيتري من موهڻي هوءَ نرس آ.

## اسان اڄ به ڳوٺاڻا آهيون!

گذريل ٽيهن سالن کان وٺي
اسان ڳوٺ کان پري رهيا آهيون
ڇا اسان هاڻ ڳوٺاڻا آهيون؟
يا شهري ٿي چڪا آهيون؟
پر مان چوان ٿي!
ڀلي ته ڪيترن ئي سالن کان
ڪراچيءَ ۾ ڳوٺ کان پري رهون ٿا
پر ايئن ٿو لڳي ڄڻ ڪنهن مجبوريءَ ڪري
ترسي پيا آهيون
عيد هجي يا شادي هجي
هر اهم موقعي کي اسان ڳوٺ ۾ ئي ملهائيندا آهيون
ايتري قدر جو ڪو اسان جو پيارو مري وڃي ته
اسان هن کي پنهجي اباڻي قبرستان
شاهه جمال ۾ ئي دفنائيندا آهيون
اسان جو ڳوٺ
جيڪو موئن جي دڙي ۽ درياهه جي ڪپ تي آهي
اسان جي رڳن ۾ رت وانگيان
گردش ڪري رهيو آ
۽ ايئن لڳندو آ

جڏهن اسان ڪجهه دير جي لاءِ هتي ترسي پيا آهيون
۽ ڳوٺ وڃڻ جو انتظار ڪري رهيا آهيون
اسان هميشه ڳوٺ سان ڳنڍيل ٿي رهيا آهيون
اسان شهري ڪيئن ٿينداسين
اسان جي ته لوں لوں ۾
ڳوٺ سان ڳنڍيل آهي
هتي رهڻ عارضي ايئن آهي جيئن
ويٽنگ روم ۾ ويهي ريل جو انتظار هجي
جنهن ۾ چڙهي ڳوٺ وڃون...

## منهنجي ماءُ

منهنجي ماءُ
هڪڙي سادي سودي عورت
هوءَ تہ صرف گهريلو عورت
پڙهڻ لکڻ نہ پئي ڄاڻي
نہ پئي ڄاڻي زماني کي هوءَ
منهنجي ماءُ هڪڙي سادي سودي عورت
گهر جا ڪم ڪار ٻهاري ڪرڻ
مڙس ۽ ٻارن جو خيال رکڻ
فارغ وقت ۾ رليون ناهڻ
بس هن جي اها ئي ڪائنات هئي
اسان تہ پڙهي لکي ويا هون
نوڪريون ڪرڻ ۽ زماني کي منهن ڏيڻ بہ اچي ويو آ
پر هو سادي سودي عورت هاڻ جڏهن اسان ۾ ناهي
ايئن لڳي ٿو ڄڻ تہ ڪجهہ ئي ناهي
دنيا جي هن راهگزار تي
ڄڻ تہ اڪيلي بيٺي آهيان ڪوئي ناهي
بس هڪڙو آواز اچي ٿو
ڄڻ تہ اندر مان ڪوئي چوي ٿو
هاڻ تون سنڀالي هلجان
چو تہ توکي دعائون ڪندڙ
ڪوئي بہ ناهي ........ ڪوئي بہ ناهي

Life is still going on

اسپتال جي هڪ ہُوساٽيل ڪمري ۾
جڏهن هڪ ليڊي ڊاڪٽر
اچي مون کي چيو
اسان کي افسوس آهي
پر تنهنجو پار!
بچي ڪو نہ سگهيو
پر ايئن بہ ٿيندو آ
پاڻ کي سنڀال چو تہ
"Life is still going on.."
ان وقت مون کي ايئن لڳو
ڄڻ ڪنهن دنيا ختم ٿيڻ جو
نياپو ڏنو آ مون کي
ڄڻ ڪيترائي ايٽم بم
هڪ ئي وقت ۾
اسپتال جي ان ڪمري ۾
ڪري پيا هن
جڏهن اسپتال کان آءٌ
ٻاهر نڪتس تہ
ڪراچيءَ جي رِوڊن تي
ساڳي ئي رش ڏسي
ڊاڪٽرياڻيءَ جا اهي لفظ
دل تي تري آيا تہ
"Life is still going on.."

## غزل

هيءَ حسين شام جا وري آئي،
دل تي ڪنهن ياد جيئن تري آئي.

تنهنجون يادون هيون سمندر ۾،
ءِ هوا ڇڻ تہ تي چري آئي.

دوستيءَ ۾ ڪري نصيحت ٿو،
زهر جي ڇڻ ڏري ذري آئي.

ڪهڙي آهي هوا هلي جو اڄ،
ڪا گهڻي ياد ڪا دري آئي.

پنهنجو ماضي پٺي وساريو مون،
سار تنهنجي ڀري ڀري آئي.

## غزل

راھہ تنهنجي ئي بس نهاري آ،
زندگي ڄڻ تہ انتظاري آ.

ظاهري خوش لڳان پئي ليڪن،
منهنجي اندر ۾ بيقراري آ.

هي پکين جي اڏار سنڌوءَ تي،
ڄڻ تہ جنت هي سنڌ ساري آ.

زندگي ۾ جي خواب سانديا تم،
تن جي تعبير ئي نياري آ.

مينهن سانوڻ جو آ وسيو ٿر تي،
ڇا تہ ڌرتي هي سونهن واري آ.

ڪيترا ڏينهن دور هئين مون ڪان،
هر گهڙي اڄ تہ ياڳ واري آ.

# غزل

زندگي چڻ تہ خواب سمجهان ٿي،
تون جي آهين، گُلاب سمجهان ٿي.

ڪي ئي يادون ۽ رات پر سُڏڪا،
پيار ناول جو باب سمجهان ٿي.

تون جو ناهين تہ زندگي ساري،
هڪ مسلسل عذاب سمجهان ٿي.

جو جهلڻ سان نہ ٿو جهلي سگهجي،
وقت اهڙو عقاب سمجهان ٿي.

تشنگيءَ ۾ اُداس صحرا ڪي،
زندگيءَ جو سراب سمجهان ٿي.

# تو لئہ سڀ سينگار

## گيت

مون وٽ تو لئہ پيار پرين
مون وٽ تو لئہ پيار!
تو لئہ منهنجي سونهن سموري
تو لئہ سڀ سينگار!!

مون وٽ سپنا ،
ساپيا جهڙا،
آهن تو لئہ يار!
تو لئہ سڀ سينگار!!

تنهنجي ڪارڻ ،
گُل وڇايان،
چونديان ويٺي خار،
تو لئہ سڀ سينگار!!

مون وٽ آسون،
باسون تو لئہ،
خوشبوءِ ۽ هٻڪار،
تو لئہ سڀ سينگار!!

رنگ برنگي،
ڦول سمورا،
آئي مند بهار،
تو لئه سڀ سينگار!!

# نثري نظم

## خواب ۽ حقيقت

مون کي خبر آهي تہ
تون هڪ خواب آهين!
جيڪو مون
جاڳندڙ اکين سان ڏٺو هو
پوءِ اڪثر
ننڊ ۾ بہ مان
اُهو ئي خواب
ڏسڻ لڳس،
پر جڏهن اک کُلي تہ
حقيقت ڏاڍي ڏُکي هُئي!!

# بهار جي مُند!

کنڊيءَ جو وڻ
منهنجي گهر جي
آڳر کان ٻاهر آهي
پر هُن جون لامون
اندر جهُڪيل آهن!
جيئن دل ۾ تنهنجي سار
گهاٽي وڻ جيان!!
سامهون نم جو وڻ
بهار جي مند ۾،
وڏيڪ سائو ٿو لڳي-
پر آڳر ۾ پيل
صرف هڪڙي ڪرسي
مون کي ماري ٿي وجهي!



شاعري مرد ۽ عورت جي الڳ الڳ نصيب ۾ تہ اچي سگهي ٿي، پر ڪنهن بہ ريت تقسيم ٿي نٿي سگهي، سنڌو پيرزادو شاعريءَ ۾ اسان جي انهيءَ پيڙهي سان تعلق رکي ٿي، جيڪا پيڙهي شاعريءَ کي سجدي گاهہ واري هنڌ کان ڪنهن بہ ريت گهٽ نہ ٿي ڀائين ۽ شاعري کي هڪ خيال سمجهي خيال ۾ ئي ڳولي لهڻ جو حيلو ۽ وسيلو ڄاڻي روح جي طويل سفر ۾ مسلسل هلي رهي آهي. سنڌو پيرزادو شاعريءَ جي شاهي شهر ۾ رهي ڪري ڪنهن بہ هڪ صنف جو قيد ناهي قبوليو، جيئن اڪثر شاعر ڪنهن نہ ڪنهن صنف جا اسير ٿي رهجي ويندا آهن، هو نج تخليقڪار وانگي هر صنف ڏي پاڻ نہ وئي آهي، پر شاعريءَ جي هر صنف سنڌو پيرزادو تي پيار جي ڀرپور بارش وانگي ڪٽي ٿي وُٺي آهي.

سنڌو پيرزادو شاعريءَ ۾ پنهنجي ٿهيءَ ۾ سيني شاعرائن کان وڌيڪ، جذبي جي شدت کي شاعريءَ ۾ آڻي پڙهندڙ ۽ ٻُڌندڙ کي ساڳيءَ شدت سان محسوس ڪرائڻ جي پوري سگهہ رکي ٿي. هو ٻين عورت شاعرائن کان وڌيڪ ٻولڊ بہ نظر اچي ٿي. سنڌو پيرزادو جي شاعريءَ جو هي مجموعو "اداسي" پيار جي سچاين جو صحيفو آهي، محبتن جي مسافتن جو نتيجو آهي، هڪ اداس ڇوڪريءَ جي من جي ماجرا آهي، ڏک ۽ سُک جو پاڇولو آهي، پيار جي گفتگو آهي، دل جو دل ڏانهن موڪليل تحفو آهي. سنڌو پيرزادو جي شاعريءَ جو هي مجموعو "اداسي" فقط جديد سنڌي شاعريءَ جو مقدار وڌائي نہ ٿو پر جديد سنڌي شاعريءَ جو مُلهہ وڌائي، ان کي امُلهہ بہ ڪري ٿو.

Title: Murtaza laghari

احمد سولنگي